گـــل

[جنهن ۾ ٻيو ڀاڱو "قند" به شامل آهي]

مصنف

ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN “SOORIH” MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488

ڀهريون ايڊيشن سال ١٩٥٦ع تعداد ٢٠٠٠
ٻيو ايڊيشن سال ١٩٧١ع تعداد ٢٠٠٠

(هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن).

قيمت ٥٠-١

SOORIH SINDHI ADAB

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
"امين منزل"، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري مسٽر غلام رباني آگري، آن کي "امين منزل" گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

بورڊ جي پهرئين ڇاپي جو پيش لفظ

ڪتابي ادب جي حفاظت ۽ بقا جو دارومدار ڪتابن جي عام موجودگيءَ تي آهي. ڪي ڪي مذهبي ڪتاب برزبان ياد به ڪرايا ويندا آهن ۽ انهن جي بروقت حفاظت جو اهو به هڪ طريقو آهي. پر ڪتاب، مذهبي هجن يا خالص علمي ۽ ادبي، هڪ دفعو جيڪڏهن ڇپيا ۽ پوءِ ائين گم ٿي ويا، جو عام پڙهندڙن کي وقت سر انهن جو ملڻ ناممڪن ٿي پوي، ته چئبو ته آهي ڪتاب ۽ منجهن جيڪو ادبي سرمايو موجود هو، سو هميشه لاءِ ڄڻ فنا ٿي ويو.

زنده ٻوليون پنهنجي ادبي سرمايي کي ڪڏهن به ائين بيدرديءَ سان فنا ٿيڻ نه ڏينديون آهن. سندن ادبي شاهڪارن جا نوان نوان ڇاپا باقاعدگيءَ سان ۽ نهايت آب تاب سان هميشه نڪرندا رهندا آهن.

افسوس آهي، جو اسان جي سنڌي عالمن ۽ اديبن، ادبي جماعتن ۽ علمي ادارن ان طرف اڄ ڏينهن تائين ايترو ڌيان نه پئي ڏنو آهي، جيترو ڪين ڏيڻ گهربو هو: نتيجو هيءُ نڪتو آهي، جو اڄ سوين اهڙن بيمثل سنڌي ڪتابن جا نالا وٺي سگهجن ٿا، جيڪي ڪنهن به قيمت تي پڙهندڙن کي هٿ نٿا اچي سگهن، ۽ ائين پيو ڀانئجي، ڄڻ اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن لکيائي ڪو نه ويا هئا. ظاهر آهي ته پنهنجي هن عظيم ادبي ورثي ڏانهن ايتري سرد مهري، ۽ ان کان

SOORIH SINDHI ADAB

ايتري غفلت ۽ لاپرواهي، نه ڪڏهن معافيءَ لائق ٿي سگهي ٿي، ۽ نه وري ان جي ڪڏهن ڪا مناسب پورائي ئي اسان ڪان ٿي سگهندي. پنهنجن وڏن جي ميڙيل چونڊيل املهه ماڻڪن کي، ائين هٿن جي وِٿين مان واريءَ وانگر جيڪڏهن هميشه وڃائيندائي رهنداسين، ته آخر ۾ سواءِ خالي هٿن جي باقي اسان وٽ ڇا وڃي بچندو، سا ڳالهه هرڪو سمجهي سگهي ٿو.

سنڌي ادبي بورڊ، انهن ڳالهين کي محسوس ڪندي، هڪ بنيادي مقصد پنهنجي سامهون هي به رکيو آهي، ته پنهنجي ٻوليءَ جا پراڻا ڇپيل ڪتاب جنهن عزت ۽ احترام جي لائق آهن، تنهن عزت ۽ احترام سان ٻيهر ڇپائي شايع ڪيا وڃن، ته جيئن سنڌي ادب ۾ انهن ڪتابن جي هڪ دائمي حيثيت باقي رهي سگهي. انهيءَ مقصد جي پورائيءَ ۾ بورڊ طرفان ڏهه ڪتاب ـ گل شڪر، حيات النبي، سير ڪوهستان، بلو کوکر، گل ڦل، جهان آرا، سون ورنيون، راسيلاس، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ۽ هدايت الانشا ـ اڳيئي ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. هاڻي ساڳئي سلسلي جو هيءُ "يارهون" ڪتاب خدمت ۾ پيش ٿي رهيو آهي.

"هي ڪتاب جنهن جو نالو "گل" رکيل آهي، مگر درحقيقت "گل ـ قند" هئڻ گهرجي، سو سنڌي زبان جي ناميا ري محب ۽ عوامي اديب، سرڳواسي ديوان ڪيولرام جو لکيل آهي. لائق مصنف سنڌ ۾ پهرئين حصي

SOORIH SINDHI ADAB

"گل" ۾ پنجاهہ نهايت عمدا اپديش ڏنا آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان انسان جي زندگي ڀلن ماڻهن جهڙي ٿي سگهي ٿي، ۽ ٻئي حصي "قند" ۾ هڪ سؤ چوونجاهہ سنڌي اططلاح سليس سمجهاڻيءَ سان ڏنا اٿس.

هي ڪتاب پاڻ سال ١٨٧١ع ۾ لکيائين ۽ سال ١٩٣٥ع تائين سرڪاري تعليم کاتي طرفان سنڌس "ست" ڇاپا ڇپجي چڪا، پوءِ هن ڪري ناياب ٿي ويو جو سرڪاري بڪ ڊيپو، خانگي ڪتب فروشن جي ور وڃي چڙهيو. ظاهر آهي تہ انهن کي علمي ادبي خدمتن کان پيسو گهڻو مٺو هوندو آهي، ان ڪري ٻين مفيد ڪتابن سان گڏ هي بهترين تصنيف بہ ناياب ٿي ويئي!

اسان جي نئينءَ ٽهيءَ لاءِ هن مفيد ڪتاب جي مطالعي کان محروم رهڻ هڪ افسوسناڪ ڪوتاهيءَ برابر هو: سنڌي ادبي بورڊ انهيءَ ڪوتاهيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ صورتخطيءَ جي ضروري درستين ڪرڻ بعد، هي ڪتاب سنڌي ادب جي شائقين کي پيش ڪري ٿو، ۽ اميد ٿو رکي تہ ان کي اهائي قدرداني حاصل ٿيندي، جنهن جو هو مستحق آهي.

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو
١٠-نومبر، ١٩٥٦ع سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

SOORIH SINDHI ADAB

فهرست

نمبر توڙڪي جو	مطلب توڙڪي جو	نمبر صفحي جو
١	وڏي توڙي وڏي کي ڏک توڙي سک ۾ شڪر جي تاڪيد بابت	١
٢	راجا کي پرجا جي چڱيءَ پر سنڀالڻ جي تاڪيد بابت	٢
٣	راجا کي زالاءَ ۽ ريا کان ڪريءَ ۾ رهڻ بابت	٤
٤	دليا ۽ چمار جي سپ کي ڌڪ، عقل ۽	٥
	سونهن جو سپ کي ڏؤ- تن بابت	٦
٥	ڏمر جي ڳالهه بابت	٧
٦	درويش کي لوڀ کان منع بابت	٨
٧	ڌڻيءَ جي عبادت پرپائيءَ ساڻ ڪرڻ بابت	١٠
٨	علم جي سکڻ جي تاڪيد بابت	١٢
	دولت کي چڱي رستي ڪتب لائڻ بابت	١٣
١٠	شيطان جي پيرويءَ کان منع بابت	١٨
١١	ڳڻ چور ماڻهوءَ جي ڳالهه بابت ... ...؟	٢٠
١٢	ڪُپات پٽ جي ڳالهه بابت	٢٠

١٣	زبان مان بڇڙي ڳالهه ڪڍڻ کان منع بابت	٢٢
١٤	ڏٺيءَ جي عبادت سمجهي يا بي سمجهيءَ مان ڪرڻ جي تفاوت بابت	٢٤
١٥	بي ويچاري ڳالهائڻ کان منع بابت	٢٥
١٦	اڻپڇي ڳالهائڻ کان منع بابت	٢٦
١٧	ٽن قسمن جي ماڻهن جي عادتن جي بيان بابت	٢٧
١٨	مکيءَ کي پنچات جي اهنج سهنج تي ڌيان رکڻ جي تاڪيد بابت	٢٨
١٩	دولت کي چڱي رستي هلائي، پرلوڪ لاءِ هٿيڪي رکڻ بابت	٣١
٢٠	ماڻهوءَ جي ڏينهن يا فصل يا چمار ڪرڻ جي بيان بابت	٣٢
٢١	پاپن کان توبهه ڪرڻ بابت	٣٣
٢٢	ويچار سان خيرات ڏيڻ بابت	٣٥
٢٣	هٺيلي فقير کان ڊچندڙ پاپيءَ جي چڱي هئڻ بابت	٣٧
٢٤	پنهنجي هوند سارو سخاوت جي ساراهه بابت	٣٨
٢٥	بخيل جي دولت جي گلا بابت	٤٠
٢٦	علم سکڻ ۾ لڄ جي منع بابت	٤١
٢٧	بخيل جي مذمت بابت	٤٢

٢٨	فقير کي خدا جي دربان پٺي ڌرتي هڻڻ جي منع بابت	٤٣
٢٩	کنهن کي پڇڻ ۾ پنگ ۽ وجهڻ ويتر واهر ڏيڻ جي تاڪيد بابت	٤٥
٣٠	ٻن طرحن جي قناعت جي بيان بابت	٤٦
٣١	دولت گڏ ڪرڻ لاءِ جمار اجائي وڃائڻ کان منع بابت	٤٨
٣٢	سچ ۽ ڪوڙ جي ڦير جي بيان بابت	٥٠
٣٣	لُچ تي مهرباني ڪرڻ مان نقصان بابت ...	٥١
٣٤	چڱيءَ صحبت جي ساراهه بابت	٥٣
٣٥	ڏمر توڙي مهرباني بيحد ڪرڻ جي منع بابت	٥٤
٣٦	ڏٺيءَ جي عبادت جي ٽن درجن جي بيان بابت	٥٦
٣٧	بڇڙيءَ سنگت جي گلا بابت	٥٧
٣٨	شڪر ۽ فخر، ڪفر ۽ نعمت جي بيان بابت	٥٩
٣٩	سمجهي، ويچاري، گهرج ۽ سمي سارو ڳالهائڻ بابت	٦١
٤٠	وقت اجائي وڃائڻ جي منع بابت	٦٢
٤١	دنيا جا ڪي ڪم هڪڙن کي چڱا ۽ ٻين کي بڇڙا ــ تنهن بابت	٦٣

٤٢	دولت جي هئڻ اڻ هئڻ مان دک بابت ...	٦٧
٤٣	توري ڪاڻ جي ساراهه ۽ گهٽي ڪاڻ جي گلا بابت	٦٩
٤٤	اٺڙت جي ساراهه ۽ هٺ جي گلا بابت ...	٧٢
٤٥	دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جي بيان بابت	٧٥
٤٦	چڱن ۽ بڇڙن لڇڻن جي بيان بابت	٨٠
٤٧	دنيا جي بيوفائيءَ بابت	٨٢
٤٨	پنهنجي ساراهه ۽ گلا ٻڌڻ جي حسن قبح بابت	٨٤
٤٩	اميد ۽ ڊپ جي عبادت ۾ قدر جي بيان بابت	٨٧
٥٠	جهان ۾ پنهنجن سوادن مان ماڻهوءَ کي زيان بابت	٩٠

گل

”ڏٺي تنهنجو آسرو، ڏٺي تنهنجي آس“

ڏٺيءَ جي درٻار ۾ مٿو نائي، ڪتاب جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ وينتي ٿو ڪريان، جو ڪتاب ”گل - شڪر“ پورو ڪري اوهان جي اڳيان هڪيو ڪيم، اميد اٿم جو ان مان ’گل‘ جو واس ۽ ’شَڪر‘ جو سواد وٺندؤ، پر ان جي پٺيان هيءَ هڪڙي ڪتابڙي لکي ٿو ڏيکاريان، جنهن ۾ ڪي ٿورا ٽوٽڪا آيا آهن - ٻر اوهان صاحبن جي مهربانيءَ ۾ آسائو آهيان، ته منجهس جيڪا ڀل چوڪ هجي، سا مون کي معاف ڪندؤ ۽ آن ڀُل کي سڌاريندؤ.

ٽوٽڪو پهريون

دک توڙي سک ۾ شُڪر جي تاڪيد بابت

ڏٺيءَ جو شُڪر سڀ حال ۾ ڪرڻ گهرجي، وٺهين کي ته ضرور آهي، پر ولهي کي ٻڻ هن ريت، جو ولهي کي جڏهين هڪڙي ڪان واڌو ڪپڙو ڍڪڻ لاءِ نه هجي، تڏهن گهرجيس جو ٻئي ڏي نهاري، جنهن کي آهو هڪڙو به نه هجي - تنهن تي فارسيءَ واري چيو آهي:

مکن نالـه از بينوائي بسي،
چو بيني زخود بينوا تر کسي.

ترجمو: گهڻيون دانهون نہ ڪر، جڏهين پاڻ کان وڌيڪ ٻکيو بہ ڪو ڏسين ٿو.

اهڙيءَ طرح، رنج ۾ پڻ شڪر ڪرڻ چڱو آهي- تنهن تي هڪڙي ڪامل ڳالهہ ڪئي آهي جو "هڪڙي ڀيري، اکين آڻڻ کان ڏُکي ٿيس، دانهون ٿي ڪيم، اوچتو ڏٺم جو هڪڙي کي مور گهو اکيون بہ نہ هيون! تڏهين پنهنجي حال تي شڪر ڪيم- پوءِ ڏئيءَ جي مهربانيءَ سان اکيون چڱيون رهيون."

تنهن کان سواءِ، هڪڙي ڪامل جو ڪلام آهي تہ "ماني کائي شُڪر ڪرڻ جو ثواب اهڙو آهي، جهڙو ورت يا روزو رکي صبر ۾ رهڻ."

هڪڙي ڪامل کان پڇيائون تہ "دُنيا ۾ ڇا ڇا رکڻ سڀ کان چڱو آهي؟" چيائين: "زبان ذاڪر، ۽ دل شاڪر"- تڏهن ڄاڻجي ٿو جو شُڪر بلڪل ڏئيءَ کي وڻندڙ آهي، تنهن سان جيڪو هنوار رکندو، سو خوش رهندو.

ڏونڪو پيو

راجا کي پرجا جي چڱائيءَ پر سنڀالڻ جي تاڪيد باہت

ڏئيءَ کي هيءَ پنهنجي پرجا گهڻو پياري آهي: جنهن تي گهڻي ٻاجهہ هُئيس، تنهن کي راجا ڪري،

هيءَ پرجا پالڻ لاءِ ڏني، پر، جيڪڏهن ڪو راجا
ڀليءَ ڀات پرجا کي نه پالي، ته ڌڻيءَ جي اڳيان
راجائون ڪُٺا ڪين آهن، جنهن ۾ ڪلا وجهي،
آهو ٿي راجا! راجا کي هيئن نه جاڻڻ گهرجي، ته
سندس سڪي رهڻ لاءِ ڪا راجائي ڌڻيءَ ڏني اٿس،
مگر رعيت کي راضي رکڻ لاءِ ڌڻيءَ راجا بنايو اٿس-
جيئن ته:

گوسفند براي چوبان نيست،

بلڪه چوبان براي خدمت اوست.

ترجمو: گهٽو ڌنار لاءِ نه آهي، ويتر ڌنار ان جي ٽهل
لاءِ آهي. ۽ ٻڌ هڪڙو نقل ياد آيو اٿم:

"هڪڙي ڀيري، هن ملڪ جو هڪڙو اڳوڻو راجا
آجل ۾ شڪار لاءِ ويو، ۽ هڪڙو سندس مصاحب،
به گهمند و ڦرندو، هڪڙي فقير وٽ - جو سنج ۾
هڪڙي جبل جي چڙ ۾ دونهين ٻاريو ويٺو هو-
وڃي نڪتو. فقير ان امير کي آدرڀاءُ ڪري، ڳالهه
ٻڌائي، ته 'آءٌ فلاڻي ڀاڳيي جو ٻڪرار هوس، جاسين
ٻڪرين کي چڱيءَ طرح سنڀاليم ٿي، تاسين ڀاڳيي مان
۽ ڀاوَ سان پيٽ - ڪپڙو ڏنو ٿي، پر ڪجهه ڏيهاڙن
کان پوءِ، نشي پيئڻ جي هيرَ ٿيم، جنهنڪري ڌڻ
جي ٽهل پوري ڪري نه سگهيس، تنهن کان ٻڪريون
ڏٻريون ٿيون ۽ ٻگهڙن گدڙن کاڌيون، تڏهن ڀاڳيي
ٻيو ٻڪرار رکيو، سون کي لوڏي ڇڏيو- جو هاڻي

ٽُڪر لاءِ وتان دردر ڀٽڪندو! تنهن وانگي، تنهنجو راجا پڻ ڌڻيءَ جي ڌڻ جو ڌنار آهي. سو، جي ڌڻ کي چڱيءَ طرح پاليندو، ته واهه، نه ته مون وانگي ٿيندو."

۽ پڻ هڪڙي ڪامل جو ڪلام آهي ته "راجا کي ڌڻيءَ جي جا خلافت آهي، سا تڏهن، جڏهن نياءُ پوري سان هجي، نه ته شيطان جي خلافت ڄاڻجي."

مسلمانن جي نبي صاحب جن فرمايو آهي ته "راجا کي نياءُ جو هڪڙو ڏهاڙو، سٺ ورهين جي عبادت جي بجاءِ آهي." تڏهن، راجا کي گهرجي ته نياءُ جي مهل ۾ ڄاڻي ته ڪر ٻيو راجا آهي، ۽ پاڻ پرجا. اهڙي عادل راجا وٽ جيڪڏهن لشڪر ٿورو به هوندو، ته به دشمن جو ڏپ نه رهندس- جهڙو فارسي بيت آهي:

بارعيت صلح ڪن، از جنگِ خصم ايمن نشين،
زانڪه شاهنشاهِ عادل را رعيت لشڪر است.

ترجمو: پرجا سان رس رک، دشمن جي ويڙهه کان پناهه ۾ رهه، ڇاڪان جو عادل راجا کي رعيت به لشڪر آهي.

نوڙنڪو ڏيون

راجا کي زنا ۽ ريا کان ڪيريءَ ۾ رهڻ بابت

راجا کي ٻن ڪمن کان جائي پاسو ڪرڻ کپي- سي ڪهڙا؟ هڪڙو زناءُ، ٻيو رياءُ. جن جي صورت

لکڻ ۾ هڪجهڙائي آهي نقطا پڻ هڪجيترا اٿن : اگرچ،
هڪڙي کي مٿان ڏار ۾ ٽِڪا آهن، ۽ ٻئي کي
هيٺان گڏ ۾ اچن ٿا، پر ڦل ٻنهي جو هڪڙو آهي — سو
ڪيئن، جو ٻئي راڄ جي ڦٽائيءَ جو ڪارڻ آهن:
"زناءَ" کي عربيءَ وارو "يخرج البناءَ" (يعني
'پٽيندڙ پاڙ جو') چوي ٿو — ۽ راڄا کي رهنديءَ
راڻيءَ بنان، سڀ پرجا، اولاد جي بجاءِ آهي — سو،
جو ماڻهو پنهنجي اولاد ۾ ٻچڙي اک رکندو، سو
ڏٺيءَ کي ڪين وٺندو، ۽ ڏٺيءَ جي اٿوٽندڙ جو
راڄ، ڪٿي بيهڪ وٺندو؟
"رياءَ"، يعني 'پاسو' يا 'ليئو'. جڏهن راجا — جو
راڄ جو سينگار آهي — انصاف ڇڏي رياءَ وارو ٿيو،
تڏهن ضرور ڏاڍو، هيٺين کي مهٽيندو، ۽ ملڪ جي
وسائڻ لاءِ هاري ناري، پورهيت ۽ ٻيا گهڻا سڀ هيٺا
رهن ٿا ۽ ڏاڍا ڪي ٿورا — تڏهن اوهي هيٺا، راجا
جي وٽپ ڏاڍن تي ڏسي، ملڪ ڇڏيندا، ۽ ڏيهه
ڦٽندو، ۽ خزانو ٺلهو رهندو، ته ۾ راڄ کي جوکو!
تنهن کان سواءِ، راجا لاءِ رياءُ هڪڙو مرض آهي،
سو مرض، عدل جي دوا ڏاران نه لهي؛ ۽ عدل هڪڙو
بهشتي وڻ آهي، جنهن جون ٽاريون دنيا ۾ راجا جي
هٿ ۾ رهن ٿيون، تنهن کي جيڪڏهن بيريائيءَ جو پاڻي
ڏيندو رهندو، ته دنيا ۾ نيڪنام سندس ڦر کائيندو، نيٺ
سندس ٽارين کي وٺي بهشت ۾ ويندو — [illegible] ته اوهو وڻ،
دوزخي ٿي، دنيا ۾ بدنام ڦر ڪارائي، نيٺ دوزخ ۾ نيندس!

ٽوڻڪو چوٿون

دنيا ۾ چمار جي سڀ کي بک، عقل ۾ سونهن جو سڀ کي ڏؤ

دنيا ۾ ڏٺيءَ ۾ ٻه شيون اهڙيون ٿوريون جوڙيون آهن، جن مان ڪوبه ڪونه ڍاپي: هڪڙي دولت، جا سؤ، هزار، لک، ڪروڙ- ته به ٿوري آهي، پر قارون وارو خزانو ڪنهن کي هٿ لڳي، ته به نه ڍاپي، ۽ ٻيو پيو ڳولي- تنهن تي فارسي بيت پڻ آيو آهي:

هفت اقليم ار بگيرد بادشاه،
تا بماند همچنان در بند اقليم دگر ه

ترجمو: ست ملڪ جيڪڏهن هڪڙو راجا وٺي ته به ٻئي ملڪ وٺڻ جي ڳڻتيءَ ۾ رهي.

ٻي چمار- گهٽي هوئي، پوءِ ڏکي تو ڙي سکي، ته به منجهانئس ڪنهن کي ڍؤ نه ٿئي. جهڙو، سنڌيءَ ۾ مثال آهي ته "اک ۾ کهاٽو، ته به مٺو چنگاٽو!"

اهڙيءَ طرح، ٻه شيون ايتريون گهٽيون جوڙيون اٿس، جن جي ڪنهن کي بُک نه آهي: هڪڙي سونهن- سا پڻ اهڙي آهي، جو سيڪو ٻاڻ کي سهڻو ڄاڻي، جهڙوڪ چوڪر هي نقل ڪندا آهن:

"هڪڙي هنڌ، ڏيڏريون ڪچ جيتريون گڏ ٿيون، ٻاڻ ۾ وندريون ويٺيون هيون. اتا هون ٻه مڙس اچي لنگهيا، تن مان هڪڙي ٻچو ٻئي ڪان ته "ڪڏهن

ڄڻور ڏني اٿيئي؟' اها ڳالهه ٻڌي، هڪڙيءَ ڏيڏريءَ
چيو ٻيءَ کي ته "ڏس ادي، مٿو اسان کي ڏسي،
لائي ٿو ڳالهائي' !" ڏسو، جڏهن ڏيڏرين کي پنهنجي
سونهن تي اهڙو هٺ آهي، تڏهن ٻيو ڪير آهي جو
سونهن لاءِ سڪي ٿو؟

ٻيو عقل - ته ٻه دنيا ۾ اهڙو گهٽو آهي، جو پاڻ کي
ڪو به اياڻو نٿو چائي. تنهن لاءِ پڻ هڪڙو مثل آهي:

"هڪڙي ماڻهوءَ جي ٻڪر آنُ جي ڪُني ۾
ٻوٿ وڌو، سو اٽڪي پيو؛ تنهن کي وٺي ٻوٿ
جي وڏيري وٽ ويو؛ تنهن جي چوڻ موجب ڪنو
ڪٽي ڀڳائين؛ پر ڪني جو گهانگهو نه ڀڳو، ۽ ٻڪر
جي ڳچيءَ ۾ رهجي ويو! تڏهن وڏيري ڳڻتي ڪري
چيو ته 'هاڻي ٻيو ٻهه ڪونهي، ٻڪر ڪٽي ڪُڍهه'.
تڏهن ٻڪر کي ڪُهي، چيڙو ڇڏايائين، ۽ ڪلي چوڻ
لڳو ته 'ويچارا سياڻا نه هجن ها، ته جيڪر ماڻهو
مُنجهي مرن ها' !" ڏسو، ڪهڙو سولو ڪم ڇنُو:
ڪُنو به ڀڳو، ٻڪر به ڪٺو! - تڏهين ڪنهن کي عقل
جي ٻڪ آهي؟

ڏونڪو پنجون

ڏمر جي ڳلا بابت

ڏمر هڪڙي باهه آهي، پر ڀهريائين ڪندڙ کي
ساڙي، پوءِ سنديس جهڙي ٻئي کي ته ڏني ته ڏئي.

هندن جي مذهب وارا، ڪروڌ يعني ڪاوڙ کي
چنڊال چوندا آهن، ۽ ڏمر، شيطان جو نائب آهي،
جو ماڻهوءَ جو عقل ناس ڪري، اهڙا ڪم ڪرائي،
جنهن مان دنيا ۽ آخرت جو جوکو.

هڪڙي ڪامل چيو آهي ته ”دوزخ کي هڪڙو
دروازو آهي، جنهن مان ٻيو ڪو نه لنگهي، مگر ڏمر
وارو“- تڏهن، سياڻي کي گهرجي ته ڏمر کان پاڻ
بچائي، جو ڪامل هڪڙي جو چوڻ آهي ته ”دنيا
۾ ٻه ڪم ڏاڍا ڏکيءَ کي وڻندڙ آهن: هڪڙو ڏمر مهل
ڪانڌ، ٻيو لالچ مهل شڪر،“ ۽ پڻ عربي قول آهي:
”الکاظمين الغيظ والعافين عن النّاس واللّٰه يُحب المحسنين“،
يعني جيڪي ڏمر کي مارين، ۽ ماڻهن تي آسراڻ ڪن،
تن کي ڏڻي پيارو چاڻي- ان تي هڪڙي سالڪ چيو
آهي ته ”انسان ۽ ڏڻيءَ جي وچان هڪڙي ڳري ٻنڌ
آهي، جا عبادت جي ڪوڏر سان ڀڄي. پر ڏمر هڪڙو
ڏاڍو جبل آهي، جو ان ٻنڌ ۾ اچي پوي، ته ان
ڪوڏر جي مُنهن کي ڀڃي ڇڏي.“

تڏهن ڏسو ويچار ڪري، ته ڪاوڙ ڪهڙي
بڇڙي آهي!

ڏونڪو ڇهون

درويش کي لوڀ کان منع بابت

درويش کي لوڀ کان ڀڄڻ گهرجي. ضروري
انڪ- ٻيٽ کان واڌو، لوڀ ڪري يا وٺي يا گهري،

تہ ڪو درويش نہ آهي- تنهن تي هڪڙو مثل آيو آهي:

"هڪڙي راجا، ناچگائيءَ مهل سڳا ڪئي تہ 'چئن مهل، هزار رپين جو، درويشن کي ورهائي ڏيندس.' جڏهن چئو، تڏهن هزار رپين جو درويشن لاءِ هڪڙي نوڪر کي ڏنائين، سو گهمي ڦري شهر مان وري آيو، ناڻي جي ڳوٿري راجا جي اڳيان رکي چيائين تہ 'جيڪو درويش آهي سو وٺي نٿو، جو وٺي ٿو سو درويش نہ آهي!' راجا اها ڳالهہ ٻڌي کلي کيرو ٿيو"- تنهن لاءِ فارسي بيت آهي:

نہ زاهد را درم بايد نہ دينار؛
چو بستد، زاهدِ ديگر بدست آر.

ترجمو: درويش کي نہ پئسو گهرجي، نہ ٽڪو؛
جي وٺي تہ درويش ٻيو ڳول.

هن حيدرآباد ۾، ڀائو لڇمڻداس "اداسي" هڪڙو مهاپرش هو، سو چوندو هو تہ "جنهن درويش جي گهر مان، سندس مرڻ کان پوءِ، ڪفن-خرچ پورو نڪري، سو پورو درويش نہ آهي"- پر، جيڪڏهن ڪو درويش ڪنهن کان ڪي وٺي، تہ بہ هنن شرطن سان:

پهريون- جيڪي سرڏا يعني حب يا خوشيءَ سان ڪو ڏئيس، تنهن کي ٺورو نہ چاهي، آدر سان وٺي.

ٻيو- وٺڻ مهل ڏيان ڪري، تہ اهو مال حرام يا ظلم جو تہ نہ آهي!

ٽيون - جيڪي مليس، سو ان ماڻهوءَ کان مليل نہ چائي، مگر ڏٺيءَ کان پاتي، جنهن دولت پيدا ڪرڻ جي محنت، سنسارين تي رکي، هنن کي درويشن ڏانهن رجوع ڪيو - هن لاءِ، تہ درويش پڇڻ ۾ رڌا رهن. تڏهن درويش کي پڻ گهرجي، جو اهو نيت، مرجات، سنجم سان هنڊائي، عبادت ڌاران ٻيو ڪم نہ ڪري.

چوٿون - اها دولت ضروري احتياج کان واڌو نہ وٺي - پر اهو احتياج نہ سمجهي تہ بنگلو يا زيور يا آچي پوشاڪ يا سٺو کاڄ ٻيو ڪري، مگر روٽيءَ لنگوٽيءَ تي قناعت ڪري - تنهن تي هڪڙو مثل آهي:

حيدرآباد جي پرسان، ڪوٽڙيءَ ۾، ڀڳت ڀڳوان هڪڙو مهاپرش ٿي گذريو آهي. هن جي چال هئي، جو رات جو کاڌي کان پوءِ ٻيو اڌو تہ نہ، پر رکو پاڻي پڻ هارائي ڇڏيندو هو. تنهن کي هڪڙي ڏهاڙي ڪنهن چيو تہ 'سائين سڀاڻي لاءِ ڪي رکجي تہ چڱو.' چي: 'ڙي جنهن داتا اڄ ڏنو، سو سڀاڻي کاڌي ويندو ڇا؟'"

مطلب تہ ان شرطن ڌاران دولت، درويش کي حرام آهي.

ٻوڏڪو ستون

ڏٺيءَ جي عبادت ٻيريائيءَ سان ڪرڻ بابت

ڏٺيءَ، روٽيءَ جو کائڻ، پڇن ڪرڻ لاءِ ٺاهيو آهي، نہ پڇن، روٽي آهائڻ لاءِ - فارسي بيت آهي:

نان از براي کنجِ عبادت سرشته اند،
صاحبدلان! نه کنجِ عبادت براي نان.

ترجمو: ڪنڊ ۾ ويهي ڀڄن ڪرڻ لاءِ روٽي جوڙي اٿن،
درويشؤ، ڀڄن جي ڪنڊ روٽيءَ لاءِ نه آهي!

تنهن تي هيءَ مثل آهي: هڪڙي درويش کان پڇيائون – چي، 'سائين! هاڻي ڪتا-ڪيرتن ڪونه ڪريو؟' چي، 'ڀائي، اڳي سڪ سنگت ٻُڌڻ لاءِ ماڻهو ايندا هئا، هاڻي اچئي ڪونه، ڪنهن لاءِ ڪريون؟' چي، 'ڏن، سائين لوڪ! اوهان جو ڀڄن مَن ماڻهن جي ٻُڌڻ لاءِ آهي، نه پنهنجي نائدي لاءِ.''

ان مان پڌرو ٿيو، جو اهڙي عبادت ڏيکاءَ جي آهي، جنهن کي دنيا يا رياءَ چئجي- پر ڏٺيءَ کي نه وڻي.

هڪڙي الله والي کان پڇيائون ته، "آخرت جي ڇوٽڪاري لاءِ، سڀ کان چڱو ڪهڙو ڪم آهي؟" چي، ڏٺيءَ جي عبادت، پر جي منجهس دنيا نه هجي."

ڪامل هڪڙي چيو آهي ته "جيڪا عبادت ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ڪندين، سا ماڻهن جي عبادت آهي، نه ڏٺيءَ جي، ان جو ڦل به ماڻهن کان گهُر، نه ڏٺيءَ کان. ڇا کان ته جو مزور پورهيو تو وٽ ڪندو، تنهن کي مزوري آءٌ ڇا کان ڏيندس؟" ٻيو هڪڙي بزرگ جو فرمودو آهي ته، "جو شخص، ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ خدا جي عبادت ڪري ٿو، سو گويا خدا سان کهيا ٺو ڪري، ۽ خدا کي نٿو وڻي."

ڏوڏڪو اڏون

علم جي سکڻ جي تاڪيد بابت

جهان ۾ دولت ٻن طرحن جي آهي: تن مان هڪڙي روڪڙ جي، ٻي علم جي - اگرچ روڪڙيءَ کي پڻ ٻچڙو نٿو ڄاڻجي، پر جي ست-ڌرم جي ڪمائيءَ جي هجي، جنهن مان لوڪ پرلوڪ جو سک ٿي سگهي. تنهن تي سياڻا چوندا آهن ته "دولت ست-ڌرم سان ڪماءِ، ست-مارگ ۾ خرچ، ته ٻيئي جهان هٿ اچنئه". تڏهن ٻ، ناڻي جي دولت کي ڪنهن مهل چور جو، باهه جو، راجا جو ۽ ٻيو ڏپ رهي ٿو، ۽ وڌي ڳالهه هيءَ آهي جو خرچيندي کپي وڃي؛ ۽ علم جي دولت ان سڀني ڏپن کان سوگهي رهي، ۽ خرچ ڪندي اٿلو وڌي - تنهنڪري علم جي دولت هٿ آڻڻ، يعني سکڻ، ضرور آهي! پر علم پڻ ٽن طرحن جا آهن: رحماني، جسماني ۽ شيطاني. پهريون علم 'رحماني' آهو آهي، جنهن مان پرلوڪ جو فائدو ٿئي: جنهن جي پڙهڻ مان، پنهنجي اپاڻ ۽ پالڻ واري کي ڄاڻجي، ۽ ٻچڙي ڪم کي ٻچڙو ڄاڻي ڇڏجي، ۽ چڱي کي چڱو ڄاڻي ڪجي، ۽ دنيا جي پاپن کان ڇٽي ڌڻيءَ کي پهچجي - ۽ اهو علم، سچ، خدا کي ملائيندڙ آهي. تنهن لاءِ هڪڙي سائين لوڪ جو چوڻ آهي ته "اسين خدا جي ملڻ لاءِ علم ڪين پڙهياسون، پر علم پاڻ اسان کي ڌڻيءَ سان واصل ڪيو" - ۽ جو ماڻهو علم نه

پڙهندو، سو پنهنجي ڌڻي کي پڻ نه ڄاڻندو - جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

که بيعلم نتوان خدا را شناخت.

ترجمو: جو اڻپڙهيل ڌڻي سڃاڻي نٿو سگهي.

ٻيو علم "انساني" آهي، جنهن مان واپار، نوڪريءَ ۽ ٻئي روزگار جو وسيلو ٿئي. پر اُن ۾ رحماني علم جي واهر کپي، ڇاڪاڻ جو روزگار جي ڪم ۾ پڻ ڪپت ۽ سپت جو ڦير سمجهڻ کپي، ڪپت کان پري ڀڄجي، سپت سان هلڻ گهرجي - اها سمجهه پڻ رحماني علم مان پوي.

ٽيون علم "شيطاني" آهي، جنهن مان دغا ۽ ٺڳي ۽ ڪپت ڪوڙ کي سچ، سچ کي ڪوڙ ڪجي - تنهن جي پڙهڻ جو تاڪيد نٿو ڪجي، بلڪ ڇاڙجي ٿو، جو جڏهن رحماني ۽ انساني علم پڙهياسون، تڏهين شيطاني علم پاڻهي ٻچڙو لڳندو: جهڙيءَ طرح، مٿو ڪير ڪائي پيٽ ڀرجي، ته ڪارو پاڻي ڇا وڏي!

ڏوڏڪو نائون

دولت کي چڱي رستي ڪتب لائڻ باٻت

دولت هڪڙو ڏيئو آهي، جنهن جي هوندي، ٻڪ جي اوندهه وڃي، ڏوَ جو سوجهرو ٿئي؛ پر ٻيٽ لاڪس واڻ آهي، جا آجهائي ڇڏيس - جهڙو فارسي بيت:

نيم شبي آه زند پير زال،
دولت صد سال کند پائمال.

ترجمو: اڌ رات جو پيدي زالَ جي پيٽان، سؤ ورهين جي دولت ڦيڻائي.

پر، جي دعا جي فانوس ۾ رهي، ته واهه ڪڏهين ڪين اجهامي بس - جهڙو مثال آهي:

آه غريبان، قهر خدائي،

دعا درويشان، رحم الاهي.

ترجمو: غريبن جي هيٺ، ڏاڍيءَ جي ڪاوڙ؛ درويش جي دعا، خدا جو رحم.

پر جڏهن اها دولت حلال جي پڙهي، ۽ درويش جي دعا ۽ برڪت سان آفتن کان بچي، چڱن رستن سان ڪتب لڳي، ته پنهي جهانن جو فائدو ڪري؛

ٻهريون، "درويشن جي خدمت" - جن جي دعا، دولت جي واڌاري جو سبب آهي، ۽ پڻ پرلوڪ جو سک. تنهن تي هڪڙي ڪامل جو چوڻ آهي ته "جڏهين درويش ڪنهن جي ڏنل ماني کائيي، رولي کان ڇٽي، پچن ڪري، تڏهين آهو ماني ڏيندڙ آن درويش جي پچن ۾ ڀائيوار رهي ٿو".

ٽيون، "ڇورن جي پالنا" - ڇاڪان ته جنهن ٻار جو ننڍي پڻ ۾ ڏي ماڻٽ مري، تنهن جو حال اهڙو رهي ٿو، جهڙو گلن جي چنل ٽاريءَ جو حال، پاڻيءَ جي پيالي ۾. اهڙي جي حالت تي هڪڙي ڪامل ارمان کائي، بيت چيو آهي؛

الا تا نگريد که عرش عظيم،

بلرزد همي تا نگريد يتيم.

ترجمو: ڇورڙو شال نہ رُئي، ڇاڪاڻ جو آسمان بہ
ڏڪي ٿو تہ متان ڇورڙو روئي!

اهڙي جي حال تي رحم ڪرڻ ضروري آهي، ۽ پنهنجي اولاد کان واڌو ان جي پالنا ڪرڻ گهرجي- تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

يتيمي چو بيني سر افگنده پيش،
مده بوسه بر روي فرزندِ خويش.

ترجمو: جڏهن ڇورڙي کي مٿو هيٺ ڪيل ڏسين،
تڏهين پنهنجي پٽ کي چمي نہ ڏي!

پڻ هڪڙي ڪامل فرمايو آهي تہ "جيڪڏهين تون ڪنهن ڇورڙي کي ڪنڊي کان بچائيندين، تہ ڌڻي توکي مؤريءَ کان بچائيندو".

ٽيون، "نوازش مسافرن جي"- جو سياڻا چوندا آهن تہ "مسافر اهڙو آهي، جهڙو ڦٽيل، ماڻهو ويٺل طبيب جهڙو آهي"، سو جي اهو طبيب ان ڦٽيل جي دوا ڪندو، تہ هو کيس دعا ڪندو ۽ ڌڻي مٿس مهربان ٿيندو- جهڙو فارسي بيت آهي:

خدارا بران بنده بخشايش است،
که غربت کش ازوي در آسايش است.

ترجمو: ڌڻيءَ جو ان ٻانهي تي ايڇو آهي، جنهن
کان مسافر آسودو آهي.

۴ پڻ مسافرن جي خدمت مان، جهان ۾ نيڪناميءَ جو سبب آهي- جهڙو فارسيءَ وارو چوي ٿو:

بزرگان مسافر بجان پرورند،
که نام نکو شان بعالم بوند.

ترجمو: مسافرن کي ساهہ سان پاليين، جو سندن موچارو نالو جهان ۾ پڌائين.

چوٿون، "پالنا انڌي، منڊي ٽنڊي، بيمار ۽ بين ناتوانن جي"- تنهن لاءِ هڪڙي ڪامل چيو آهي جو "محتاجن جي پرورش ڏٺيءَ جي راضپي جو سبب آهي"؛ ۽ پڻ هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي ته "جيترو تون مسڪينن تي مهرباني ڪندين، تنهن کان ڏهوڻي، ڏٺي تو تي ڪندو"- ۽ ان لاءِ هڪڙو مثل آيو آهي:

"هڪڙي شخص ستر ورهيہ عبادت ڪئي؛ پر هڪڙو پاپ ڪانئس اهڙو ٿيو، جنهنڪري ڏٺي ناراض ٿيس، ۽ ان عبادت جو ثواب ناس ٿي ويس. اوچتو هڪڙو بکايل ڏٺائين، جنهن کي ٽڪر مانيءَ جو کارايائين - تنهن جي برڪت سان اهو گناهہ معاف ٿيس، ۽ ستر ورهين جي عبادت جو قل مليس".

پنجون، "پنهنجي مٽ مائٽ جي پرورش"- تن مان جيڪو مسڪين هجي، تنهن جي حال تي ديا ڪري پالنا ڪجي، ته ان جي بدران ڏٺي آفتن کان بچائي- تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

بروزگار، سلامت شکستگان درياب،
که خير، خاطر، مسکين بلا بگر داند.

ترجمو: پنهنجي ٻيلائيءَ ۾ هيڻن جي حال جي سڌ لهڻ، ڇاڪاڻ جو هيڻي جي دل جي دعا آفت کي ٽاري ٿي.

ان کم ۾ هڪڙو ثواب، ٻيو نيڪنامي، ٽيون آهي مائٽ ادب ۾ رهن: جيڪو ڀاڳ-ڀريو هجي، تنهن جي خدمت يا مهماني ڪجي، سوڪڙي ڀاڪڙي ڏيئي سندين دل وس ڪجي، ته ان مان هڪڙي نيڪنامي، ٻيو مائٽن ۾ مانُ، ٽيون سخاوت جو نالو پوي- جا سخاوت، سو چارين عادتن جي اڳواڻ آهي.

ڇهون، "اولاد جي پالنا"- جو اهو پڻ هڪڙو ضروري ڪم آهي، ڇاڪاڻ، جو سنساريءَ کي، اولاد، اڳي پوءِ دنيا ۾ نالي باقي رهڻ جو سبب آهي. سيائي هڪڙي جو لطيفو آهي ته "مِرون ۽ ٻڪي، جن کي نڪو پوءِ اڳي نالي رهڻ جو، نڪا ڀيريءَ ۾ ٽهل جي گهرج، ته به پنهنجن ٻچن جي ڪيئن پالنا ڪن ٿا، تڏهن ماڻهو، جن کي ان ٻنهي ڪمن جي اميد آهي، تنهن کي پنهنجي اولاد جي پالنا ڪهڙي نه ضروري آهي!

ستون، گهرج ۽ مناسب سارو، "نوڪرن جي پرداخت"- سا پڻ هڪڙي حاج آهي، ڇاڪان جو ڪاڄ جوڙڻ ۽ سيڙو- پاڙو گڏ ڪرڻ ۽ ٻيا اهڙا گهڻا ڪم آهن، جن ۾ پاڻ رُڌو رهيو، ته عبادت جي ويرم ڪٿان ملندي؟ ۽ جيڪڏهن اُن ڪم ۾

نوڪر هوندو، ته عبادت لاءِ خاطر جمع ۽ واندڪائي رهندي.

مطلب ته جا دولت اهڙن ڪمن ۾ ڪتب اچي، سا دولت چئجي-بي پترا!

ڏونڪو ڏهون

شيطان جي پيرويءَ کان منع بابت

سيائن جو پول آهي ته "جنهن ويريءَ تي ٻاجهه ڪجي، سو ڪنئرو تي سلامي ٿئي؛ مگر شيطان سان جيئن مهرباني ڪجيس، تيئن حرامزائي ڪري." شيطان کي "نفس" به چئجي، ۽ اسان هندن جي مذهب وارا "مَن" چون. سو، جيڪو ان جي مرضيءَ سان ڪبو تنهن مان ابوچي پائبي؛ ڇاڪان جو هن جي هيءَ ريت آهي جو چڱي ڪم کان پڇي، ۽ بُري ڪم لاءِ تيار رهي، جهڙو گُرو نانڪ صاحب جن جو وچن آهي:

بري ڪام ڪوُن اوٿ ڪلووا،
نام ڪي ويلا ڪپ ڪپ سووا.

ارٿ: بڇڙي ڪم لاءِ آئي ٻيهي، پڇن مهل ڏکي سمهي.

تنهنڪري، اهڙي جي صلاح تي لڳڻ، پاڻ کي گمراهه ڪرڻو آهي؛ ڪيس ڪمارڳ کان موڙي سمارڳ هلائڻ کپي. هن ريت، جو جڏهن بڇڙي ڪم جو ارادو ڪري، ته اوڏانهن موڙي، چڱي ڪم

جو قصد ڪجي، ھوءَ جي چڱي ڪم ۾ ڏک رسي ته به نه ڏجي - چاڪاڻ ته ڏک سھڻ ڏاران ڏکن ڪان نه ڇٽبو. ڪامل جو چوڻ آھي ته "من جي وس ٿيڻ گناھن جو مول، ۽ من کي وس ڪرڻ ثوابن جو مول آھي"- جيئن فارسيءَ واري چيو آھي ته:

مکن نفس اماره را پيروي،
که تاگ گرفتار دوزخ شوي.

ترجمو! مَنَ ڪميڻي جو پوءِ لڳ نه ٿيءُ، متان اوچتو دوزخ ۾ ڦاسين.

۽ منُ ھڪڙو گھوڙو آھي، جو لغام ڏاران سولي وات نٿو ھلي. سياڻي کي گھرجي جو اھڙي ھانڌائي گھوڙي کي ھميشه نصيحت جو لغام ڏيئي، بچڙيءَ وات کان سوڙي، چڱيءَ وات ھلائي - بزرگ ھڪڙي فرمايو آھي ته "تنھنجو نفس پڻ پين جھڙو آھي، تڏھن جا نصيحت پين کي ڪرين، سا پنھنجي مَنَ کي چو نه ڪرين؟" ۽ پڻ ھڪڙي سائين والي جو وچن آھي ته "جو شخص پنھنجي مَنَ کي وس ڪندو، تنھن کي عبادت ۽ سخاوت سولي لڳندي، بلڪ جيءَ ٿوري ڪندو ته به ڦل گھڻو پائيندو، ۽ جو مَنَ جي وس رھندو، سو اھڙن چڱن ڪمن کان نا اميد رھندو."

مطلب ته ڪنھن کي مارڻ چڱو نه آھي، پر جنھن مَنَ شيطان کي ماريو سو چڱو آھي.

ڏونڪو يارهون

ڳُڻ - چور ماڻهوءَ جي ڳالهه بابت

هڪڙي راجا پنهنجي وزيرن کان پڇيو ته ”جهان ۾ ڪميڻو ڪير آهي؟“ هڪڙي چيو ته ”ساٿي ۽ مهاٽا، جي ڪارگند گهڻو ڪن“، ٻئي چيو ته ”ڪچر ۽ ڪوبلا، جن جي ڏسندي، سنڌين زالون ٻچڙو ڪم ڪن“، ٽئين چيو ته ”ڳڻ - چور جهڙو ڪميڻو ٻيو ڪو نه آهي“ - راجا کي اها ورندي گهڻو وڻي. راوي ٿو پڇي ته ”جو ماڻهو ڪنهن جي ڪيل ڀلائي نه مڃي، سو ڳڻ - چور ۽ ڪميڻو، پر جو ماڻهو ڳڻ بدران ڳلا ڪري، تنهن کي ڇا چوان؟“ تنهن جو جواب آهي ته ”جيڪڏهن سياڻو آهين، ته ان جي مهرباني باس: ڇاڪان جو هڪڙي ڪامل چيو آهي ته، ’جيڪو تنهنجي ڳلا ٿو ڪري، تنهن جا ثواب تنهنجي دفتر ۾ داخل ٿا ٿين ۽ تنهنجا گناهه ان جي ڳچيءَ ۾ ٿا پجهن، ۽ هُن جي نعمت تو کي ملي ٿي، تُنهنجي زحمت هن تي چڙهي ٿي. پرلوڪ ۾ پڻ هو ڏک ڏسندو، تون سک ڏسندين‘ - هاڻي قياس ڪر ته، تنهنجو خيرخواه ٿيو ڪي نه؟“

ڏونڪو ٻارهون

ڪپاٽ پٽ جي ڳالهه ۾

جهان ۾ پٽ جو هڻڻ، پيءُ جي ٻت ۽ دل ۽ ساهه جي سرهائي آهي. سو هن ريت، جو جاسين پٽ ننڍڙو

۽ پيءُ جوان ٿو رهي، تاسين پٽ جي راند ۽ چلولائي سندس دل جي وندر آهي. سياڻا چوندا آهن ته ”دنيا ۾ خوشي ٻڪڙي وٽي ٿي، پر جڏهن ڪنهن جو ننڍڙو پٽ چلولائي ڪري، تڏهن اُن پيءُ جي دل ۾ اچيو گڏ ٿئي ٿي!“ جڏهن اهو پٽ جوان، پيءُ پوڙهو ٿئي ٿو، تڏهن پيءُ کي، سندس ڪمائيءَ سان پيٽ ڀرڻ ۽ پنهنجي خدمت ڪرڻ جو آسرو رهي ٿو. گهڻا بزرگ چوندا آهن ته ”جنهن جي مرڻ کان پوءِ، پٽ سندس پٺي لاءِ خير يا ثواب ڪري، ته اُن کي پرلوڪ ۾ ڦل ملي ۽ اهو سک پائي“. پر اهي ڳالهيون سڀ تڏهن، جڏهن پٽ سُپٽ، نه ته سياڻا چوندا آهن، ”جنهن جي گهر ۾ پُٽ ڪُپٽ ڄاپي، سو ڪنوارو ڀلو“. انهيءَ تي هي مثل آهي:

”هڪڙي پريي ٻڙس ڳالهه ڪئي ته ”گهڻا ڏهاڙا پٽ ڪو نه ٿي ٿيم، نيٺ فلاڻي وڻ هيٺ ويهي ڏٿيءَ کي سوال ڪيم، تڏهن هڪڙو پٽ ڄايم“. ان ساڳئي پٽهنس، اها ڳالهه ٻڌي چيو ته ’ارمان آهي، جو اهڙو برڪت وارو وڻ مون نه ڏٺو آهي، نا ته جيڪر هيٺانس ويهي، ابي جي مرڻ لاءِ ڏٿيءَ کي سوال ڪريان!‘“.

اهڙا ڪپاٽ ٻيا ٻه اکين سان ڏٺا ۽ ڪنن سان ٻڌا ويا آهن، پر هن ٽوڪي ڪاڻ هي دليل گهڻو آهي. ان لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

زنان باردار اي مرد هوشيار،
که در وقت ولادت مار زايند،

ازان بہتر پنزدیک خردمند،
کہ فرزندان ناھموار زایند۔

ترجمو؛ اي سياڻا، پيرين پاري زالون، ويا مڻ مهل نانگ ڄڻن، سي ڏاهي اڳيان چڱيون آهن تن کان، جي ڪپٽ پٽ ڄڻين!

پر هڪڙي وڏي ڳالهہ هيءَ آهي، تہ ماڻهو پنهنجي مائٽن سان جهڙي هلت ڪندو، پنهنجي اولاد مان تهڙو ڦل پائيندو- تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

تو بجاي پدر چہ کردي خير،
تاهمان چشم داري از پسرت۔

ترجمو؛ تو پيءُ سان جهڙو سلوڪ ڪيو هوندو، تهڙي آميد پنهنجي پٽ مان رک۔

نُونڪو ٽيرهون

زبان مان بڇڙي ڳالهہ ڪڍڻ کان منع بابت

هڪڙي بزرگ کان پڇيائون تہ "ڪنهن کي ڏڪار ڪرڻ کپي؟" چي، "ڪنهن کي بہ نہ، توڙي پاپي بہ ڪو هجي- ڇا کان جو مئان مرڻ کان اڳي، پاپن کان توبهہ ڪري، ڏٺيءَ جي ڪوپ کان ڇٽي- مگر جو ماڻهو پنهنجي پيءُ کي ڏڪار ڪري، تنهن کي ڏڪارجي۔" چي، "اهڙو ڪير آهي؟" چي، "آهو، جو ٻئي جي پيءُ کي ڏڪار ڏيئي، ان جي واتان پنهنجي پيءُ کي ڏڪار ڇوائي"- ہر مطلب هي آهي جو ڪنهن کي

ٻچڙو ڳالهائڻ، رکو پاڻ لاءِ ٻچڙو ٻڌڻ آهي. سياڻا چوندا آهن ته "ڪنهن کي ٻچڙو ڳالهائڻ، جهڙو آرسيءَ کي پونڊو ڏيڻ"- هن سڀ ڳالهه مان مطلب هي نڪتو، ته زبان مان ٻچڙو اکر ڪڍڻ ٻچڙو آهي، ڇاڪاڻ جو زبان، ڌڻي جي قدرت جو تپرس جهڙو اهڃاڻ آهي، جا ڏسڻ ۾ رکو ماس جو ٽڪر ۽ منجهس ڳڻ گهڻا: هڪڙو هي، جو ماڻهوءَ جي هٿ ۾ رکي زبان حلال، ٻيو، زبان عقل جي نائب آهي، ٽيون، دل جي ترجمان، چوٿون، سڀني لڱن ۾ مکيه، پنجون ڌڻيءَ جي ذڪر ڪرڻ جو وسيلو آهي- تڏهين اهڙيءَ مانَ واريءَ شيءِ کي بيمانو ڪري، ساڻس ٻچڙو ڳالهائڻ، ڪهڙي نه اياڻپ آهي!

هڪڙي ڪامل چيو آهي ته "جو ماڻهو، گار يا لعنت، يا ڪوڙا ۽ ٻيا ٻچڙا اکر زبان مان ڪڍي، تنهن جي دل اندر ٽيو پوي، پوءِ ڌڻي جي عبادت جو سواد نٿو اچيس، جڏهين اهو سواد نه ايندس، تڏهين دوزخي ٿيندو!" هاڻي ڏسو ته ٻچڙي ڳالهائڻ مان سواد به ڪونه ٿو اچي، پوءِ ٻچڙو ڳالهائي، پاڻ لاءِ ايتري اوڇي وهائڻ، ماڻهپي کان ٻاهر آهي. هڪڙي بزرگ کان پڇيائون ته "هرلوڪ جي سک لاءِ ڇا ڪرڻ کپي؟" چي، "ٻچڙو نه ڳالهائجي، جي اهو نه ٿي سگهي، ته ماٺ ۾ رهجي!"

ڻوڻڪو چوڏهون

ڏٺيءَ جي عبادت سمجهي يا بي سمجهيءَ سان ڪرڻ جي تفاوت بابت

ڏٺيءَ جي عبادت ٻن طرحن جي آهي: هڪڙي هيءَ، جو سمجهي ويچاري ڪجي، سا اهڙي آهي، جهڙي جاڳندي کير پيئڻ- جنهن مان سواد به اچي، سگهه به ٿئي- سا تمام ڀلي آهي، هن ريت، ته جو قوت وارو سوادي کاڄ کائبو، ته وري وري ان جي کائڻ لاءِ دل ٿيندي، ۽ وري وري کائڻ مان واڌو سگهه ٿيندي. تنهن وانگي، جنهن ٻچن مان لذت ايندي، تنهن ڏي دل وڌندي، ۽ پرلوڪ جو سک واڌو ملندو. اهڙيءَ عبادت مان، ٻيو به فائدو آهي، جو ٻئي بي سمجهه کي وات لائي سگهبو، سو پڻ اهڙيءَ دولت کي پائيندو، ۽ ان مان پڻ فائدو آهي، پر اهڙي نعمت گروءَ پوري، يعني مرشد ڪامل جي واهر ڏاران هٿ نه اچي- تنهن تي گرو نانڪ صاحب جو وچن آهي:

ڪنٻي ٻاڏا جل رهي، جل ٻن ڪنٻ نه هوءِ،
گيان ڪا ٻاڏا من رهي، گرو ٻن گيان نه هوءِ.

ارٿ: دلي ۾ ٻڌل پاڻي رهي، پاڻيءَ ٻنان دلو نه جڙيءَ
گيان جو ٻڌل من رهي، گروءَ ڏاران گيان نه رهي.

تنهنڪري، ان مطلب جي ساڌڻ لاءِ، ڪامل گروءَ جو آهڙ يش آهي.

ٻي، ري سمجهي ته ٻي ويچاري عبادت ڪجي، سا اهڙي آهي، جهڙي ننڍا ڪري ٻار کي ڪير پيار جي- تنهن مان ڦوت ضرور ٿيندي، پر سواد ڪين ايندس- اها ڀرين جهڙي نه آهي، پر ان کي بيفائدو نه ڄاڻبو، ڇا ڪان جو ڇمار جا ڏهاڙا اجائي ٻکواد ۾ وڃن، تنهن ڪان اها عبادت چڱي: جهڙيءَ طرح آڇايل ٻار کي ننڍ ۾ ٻاٽي پيار جي، تنهن ڪان ڪير پيارڻ چڱو، ڀوءَ توڙي سواد ٻه نه اچيس! يا ٻکاٻل کي ڀلاءُ نه ملي، ته ٻک مرڻ ڪان، جُوار جي روٽي ٻه چڱي، يا آگهاڙي کي پَٽُ پٽيهر هٿ نه لڳي، ته آگهاڙي گهمڻ ڪان، ڇوسو ڪپڙو ٻه ڀلو، ڇاڪاڻ جو اها عبادت اڪيارٿي نه آهي- تنهن تي گسائين تلسيداس جو وچن آهي:

'تلسي' سري ٻکوان کون ريجهه، ٻجو ڀاوين ڪيج،
آلـنـا سلـنـا آگـوي جـيـون کـيـتي ۾ ٻـيـج.

ارٿ: تلسيداس، ڌڻيءَ کي ريجهي جپ، توڙي چڙي، جئن ڀوک ۾ ٻج ابتو ڀوي جي سبتو، ته ٻه ڄمي.

مطلب، جو جهڙي جي تهڙي حال سان، ڌڻيءَ جو ٻجن چڱو آهي.

ڏونڪو پندرهون

بي ويچاري ڳالهائڻ کان منع بابت

اڃاڻ ماڻهوءَ کي گهرجي ته جڏهين سياڻن جي سيا ۾ ويهي، تڏهين ماٺ ڪري، ته سندس اهاڻپ ڀڏري

نہ ٿئي- پر جي اھا مت اچيس تہ اچاڻ ڇو سڏجي؟ تنھن تي ھڪڙي ڪامل ڇيو آھي تہ "ڳالھائڻ مان گھڻيون آفتون چاپن ٿيون، تن مان پاڻ بچائڻ اٽانگو آھي، ۽ ماڻ ڏاران علاجِ ڪونہ اٿس، ڇاڪان، اوير سوير اجايا سجايا ڳالھو چپ مان نڪري وڃن، جي چوڻ لاءِ سولا، پر ڳنڍ اوکڻ ويچارڻ اولو ۽ ماڻ سان، ان جي ھچا ڪان بچيو پئجي، ۽ ھمت سالم ۽ دل قائم رھي، جن سان پڇن ڪري سگھجي."

ھڪڙي سائين لوڪ جو فرمودو آھي تہ "عبادت جي بنگلي کي ڏھ دروازا آھن- تن ۾ نَوَ ماڻ جا، ھڪڙو ماڻھن کان پري رھڻ جو".

ھت جيڪا ماڻ جي ساراھہ ھلي آھي، سا اھا ماڻ نہ، جو رڳو ٻوڙ ٻڌيو گنگو ٿيو وتجي، مگر ھي مطلب آھي جو ضرور ۽ ويچار ۽ مناسب ڏاران نہ ڳالھائجي- جھڙو فارسيءَ واري چيو آھي:

سخن آنکه کند حکیم آغاز، یا سر انگشت سوي لقمه دراز،
که ز ناگفتنش خلل زاید، یا ز ناخوردنش بجان آید.

ترجمو: سياڻو تڏھن ڳالھہ ڪري، يا ڪاج جي گرھ ڏي آگر ڊگھي ڪري، جڏھن تہ ڳالھائڻ مان خلل چاھي، يا نہ کائڻ ڪري مرڻ جھڙو ٿئي.

ڏونڪو سورھون

اڻ پڇي ڳالھائڻ کان منع بابت

ڏاھي کان پڇائون تہ "اھڙو ڪو آھي، جو پنھنجي ايائپ پاڻ ڀاسي؟ چي، "آھو جو ھن ڳالھائيندڙن جي

وچ ۾ اڻپچو ڳالهائي"- تنهنڪري سياڻي کي گهرجي جو ٻاڻ کي اهڙو ڳالارو نہ ڪري، ۽ جاسين ماٺ نہ ڏسي، تاسين نہ ڳالهائي؛ ڇا ڪان جو سياڻن جو چوڻ آهي تہ "ٻک ڏاران ڪاڻڻ، ٻت جو زيان، گهرج ڏاران ڳالهائڻ، آبروءَ جو زيان"- تنهن لاءِ فارسي واري چيو آهي:

خداوند تدبير و فرهنگ و هوش،
نہ گويد سخن تا نبيند خموش.

ترجمو: عقل، ويچار ۽ ڏاهپ وارو ماڻهو، جيستائين ماٺ نٿو ڏسي، تيستائين نٿو ڳالهائي.

ڏونڪو سترهون

ٽن قسمن جي ماڻهن جي عادتن جي بيان بابت

جهان ۾ ماڻهو ٽن طرحن جا آهن: هڪڙا ٻنؤرن جهڙا- جهڙيءَ طرح ٻنؤر سڄي جهنگ ۾ گهمي، ڪولي، گلن جو واس وٺي، تنهن وانگي هوُ پڻ ماڻهن جا سڀ لڇڻ ڏسي، جيڪو گڻ ڏسن، تنهن تي ڌيان ڪن. اهو سياڻ سياڻن جو آهي: ڇاڪان جو مطلب گدري سان آهي، نہ ول سان. هڪڙي سياڻي چيو آهي تہ "باداميون توڙي ڪڙيون تہ ڇا. فڪر، اسان کي منجهان تيل ڪڍي وٺڻ کپي".

ٻيا مکين جهڙا- جهڙيءَ ريت مک سڄو ملڪ گهمي، جاتي ڊونلي يا ٻي ٻجڙي ٻاس ڏسي، اتي ويهي، تنهن وانگي هو ٻين ماڻهن جون عادتون ڳولي،

جيڪا وِڏَ ڏسن، تنهن کي آيري جهلين. پر اهو ڪم سياڻن کي ڪرڻ نہ کپي: ڇاڪاڻ جو ٻئي جي عيبجوئي ڪرڻ خود وڏو عيب آهي، پوءِ ٻئي جي عيب ڏي نهاري، پاڻ کي عيبدار ڪرڻ، ڪهڙي نہ بيوقوفي آهي! تنهن ڪان سواءِ، هڪڙي بزرگ جو فرمودو آهي تہ "جيڪڏهين تون ٻين جي عيب ڏي نهاريندين، تہ ڏٺي تنهن جا عيب پڌرا ڪندو". هڪڙي ڪامل ڪان پڇيائون تہ "پرلوڪ جي سُک لاءِ ڪهڙا ڪم چڱا آهن؟" چي، "پنهنجا عيب ويچاري، توبهہ ڪرڻ ۽ ٻئي جا عيب ڏسي، ڍڪڻ".

ٽيان پنيورين جهڙا-جهڙيءَ ريت پنيوري جيڪا ڏکي ٽاري ڏسي، تہ انب ٻير جي وڻ جو وڇاندر نہ ڪري، مٿس ويهي. تنهن وانگي، هو پڻ جيڪو ماڻهو بيٺل ڏسن - پوءِ ڀلائتو هجي، توڙي نہ - تہ سندس لڙهہ لڳن، اها عبادت گِلاري آهي، اهڙن کي ماڻهو "فصلبٽيرو" چون - سياڻي کي اهڙو نالو پاڻ تي رکائڻ نہ کپي.

ٽونڪو ارڙهون

مُڪيءَ کي پنچات جي اهنج سهنج تي ڌيان رکڻ جي تاڪيد بابت

مُڪيءَ کي پنهنجي پنچات تي اهڙو ڌيان رکڻ گهرجي، جهڙو راجا کي پرجا تي، يا پيءُ کي ٻچن تي. جڏهين پنچات تي ڪا اهنجي، يا ڇيهي جهڙو ڪم

هوي، تڏهين اڻ چيو ان جي رت ڪري، چاڪان جو
مڪي، پنهنجن جو مُڪ يعني وات آهي- جهڙيءَ ريت
ٻت مان ڪنهن لڱ ۾ سور يا ڪو ڏکندو ٿئي،
ته آهي لڱ ڪين ڳالهائن، وات پاڻهي ڳالهائي،
ان جي سُتي ڦڪي ڪري، تنهن وانگي، مُڪيءَ کي
پڻ پنهنجن جي اهنج ايذاءَ تي اک رکڻ ۽ آپاءَ ڪرڻ
حق آهي. جڏهين ڏسي ته ٻن پنهنجن جي وچ ۾ ڪو
رکڙو آهي، تڏهين پاٽاچاٽي، وچان ٿئي، لاهي،
ته ڏاڍو ڏرم اٿس. پر، جي مکي چوي ته رکڙي وارن
مان ڪو چوي، ته پوءِ وچان پوان — ته تنهن جو
جواب هيءُ آهي:

"درڪارِ خير حاجتِ هيچ استخاره نيست"،

يعني خير جي ڪم ۾ سماد يا دير جو ضرور نه آهي.
تنهن ڪان سواءِ، جو ڪم ثواب جو چوڻ سان ڪجي،
تنهن جو ڦل ملي؛ اڻ چئي ڪرڻ سان ان جو
ڏهوڻو ڦل ٿئي ٿو — ٻيو هي، جو هڪڙي ماڻهوءَ جا
ٻه ٻَٽَ پنهنجي پکوڙن تي وڙهي، هڪٻئي جا
چوٽا پٽين، تڏهين پيءُ کي گهرجي ته اٿي ڇڏائين،
يا جڏهين منجهانِ هڪڙو چويس، تاسين اهي پکوڙا
مر ته ڪتو ڪٽي وڃي؟ ۽ پڻ نياءَ مهل، ٻن ڏرين
کي پنهنجي ٻن اکين يا ٻن ٻانهن وانگي هڪجهڙو
ڄاڻي، نياءَ پورو ڪري. اهڙيءَ هلت وارو مُکي،
پچن ۽ دان توڙي ڏورو ڪري، ته ٻه جهان ۾
نيڪناميءَ جو ڦل پائي، ۽ پرلوڪ ۾ ڏکن ڪان

چڱي سرڳ ۾ پهچي. ۽ پڻ، مڪيءَ کي گهرجي ته پنچات جي ڏک سور کي پنهنجو ڄاڻي، منجهس ڪا هي پوي-ائين نه ڪري، جو پاڻ کي سکيو ڄاڻي، جڏهن پنچات تي ڪا سوڙهه پيئي پوي، تڏهين چڱهه چڱهه تي چاڙهي ليئي رهي؛ ۽ جي ڪو چويس ته "سائين، پنچات تي سوڙهه آهي، تنهن لاءِ پنچ گڏ ٿيا آهن، مهرباني ڪري هلو"؛ چي، "ڇا جي ڙي پنچات! پنچات ماري کي آٿوَ--- اسان کي هوا ڪاٿو ڪان ٿي اوير ٿئي!"

تنهن لاءِ هڪڙي سياڻي چيو آهي ته "جماعت جو پريو مڙس جيڪڏهين جماعت جي ڏک سور کان بيپرواهه رهي، ته ان جماعت جي گناهن جو بار مٿس رهي ٿو؛ ۽ پاڻ جيڪڏهن پڇيڪ هجي يا داني، ته به ان پاپن جي زور سان نرڳ ۾ پوي ٿو؛ ۽ جماعت جي پريي مڙسي بدران، نرڳين جو پريو مڙس ٿو ٿئي". ان لاءِ هڪڙو مثل آهي ته "هڪڙي ڏهاڙي، مسلمانن جو نبي صاحب مسافريءَ ۾ وڻ جي پاڇي ۾ ويٺو، ۽ سندس جماعتي آس ۾ ويٺا- ان مهل 'وحيءَ' اچي خدا صاحب جي پاران چيس ته 'هي ڇا، جو اوهين پاڻ ڇانوَ ۾ ۽ جماعت آس ۾؟' اها ڳالهه ٻڌندي ئي، پاڻ به آٿي آس ۾ ويٺو"- ڏسو، جڏهين اهڙا به جماعت جي ڏک کان بيپرواهه ٿين، ڏوراپا سهن، تڏهين ٻين جو حال ڪهڙو ٿيندو؟

۽ پڻ هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي ته ”پن
چٽن تي هميشه ڏڏيءَ جو ڪوپ رهي ٿو- وٽيس
هيت خراب ڪرين، وٽيس پرلوڪ ۾ هڪڙو اهو
راجا، جو رعيت کان پنهنجو حق وٺي ۽ سندن داد
نه ڪري، ظلم کان نه بچائي، ٻيو قوم جو اهو
پريومڙس، جو قوم وارا ڪيس مڃين، ۽ پاڻ انهن جي
ڏک سک پائي نه ٿئي“- تڏهن ڪٿي ڏسو، جو پريومڙس
پاڻ کي چوائي، اهڙن ڪمن کان بيپرواهه رهڻ،
ڪهڙي نه چڪ آهي؟

ڏونڪو اوڏيهون

دولت کي چڱي رستي هلائي، پرلوڪ لاءِ

هٿيڪي رکڻ بابت

ڪبوتر، هڪڙي ڪنڊ تي گهٽي ويرم نه ويهي،
سدائين ٻيءَ ٻيءَ ماڙيءَ تي ويهڻ جي دل رکي- پر
جي پڇري ۾ ويهارجيس، ته ڪو ڏهاڙو هڪڙي هنڌ
ويٺو رهي. تنهن وانگي، دولت پڻ هڪڙي هنڌ نه
رهي، ڏهاڙي ٻئي- ٻئي هنڌ وڃڻ جي ڪري، پر آن کي
پڻ ڪبوتر گهاءِ پڇري ۾ رکجي، ته جيڪر سوکهي
هجي- ۽ هن لاءِ پڇرو آهي چڱي نيت، ۽ چڱي
نيت سان ڏڏيءَ جي واٽ ۾ هلائي، ته اهڙي هٿيڪي
رهي، جو هيت ته ڪم اچي، پر پرلوڪ ۾ پڻ ثمر
ٿئي- تنهن لاءِ هڪڙي ساڻين لوڪ چيو آهي ته

"دنيا کي آخرت لاءِ ڇڏ تہ ٻئي هٿ اچنئي، آخرت کي دنيا لاءِ نہ ڇڏ، متان ٻئي وڃنئي!"

ڏونڪو ويهون

ماڻهوءَ جي ڏينهن يا فصل يا ڇمار ڪرڻ جي بيان بابت

سياڻن جو چوڻ آهي تہ "هڪڙي جو ڏينهن ڪريو، هڪڙي جو فصل ڪريو، هڪڙي جي ڇمار ڪري." هن طرح، تہ جُو پانڌيڙو سياري ۾ منزل ڪان ري ڪاڏي پنڌ پيو، ۽ ٿورو هلي، ڪاٿي لاءِ ڪاٿي رسي، ڪاٿي جو ڙي ڪاڏائين، تہ سچ لهي ويندس- تہ ان جو ڏينهن پنڌ ڪان ڪريو پيو، جنهن هاريءَ، ڇيٽ مهيني ۾، جهنگ هٽي، ڪسي ڪور ڪوڙي، ڪاٽ ڪِلي گڏ ڪرڻ، نار پراڻي آٽي جي گهٽتي نہ ڪئي تنهن ڪان سانوڻيءَ جي پوک نہ ٿيندي- تنهن جو فصل ڪريو؛ ٿيون جنهن مڙس جي گهر ۾ زال ڪپري يا ڪلچڻي هوندي، تنهن جي گهر مان سدائين ڪلپت نہ ويندي- تنهن جي ڇمار ڪري! تنهن لاءِ فارسي بيت ۾ آيو آهي:

زن ِ بد در سراى مرد ِ نکو،
اندرين عالم است دوزخ او.

ترجمو: چڱي مڙس جي گهر ۾ ڀڇڙي زال، هن دنيا ۾ اُن لاءِ نرڪ آهي.

ڏونڪو ايڪيهون

پاپن کان توبهه ڪرڻ بابت

چڱن ڪمن ۾ هڪڙو عجب جهڙو چڱو هيءُ آهي،
جو پاپن کان توبهه ڪجي، ڇو ته توبهه واري پاپيءَ
کي ڌڻي بخشيندو آهي - ان لاءِ فارسي بيت آهي:

هر آنکس که بد کرد بد نکرد،
که سر را بزانوی توبه ببرد.

ترجمو: جنهن بڇڙي ڪيو، تنهن به ڪر بڇڙي نه ڪيو،
جڏهن، توبهه جي مونن تي مٿو رکيائين.

۽ ٻي هڪڙي ڪامل جو فارسي فرمودو آهي:

گنهگار توبه کار به از عابد ناپرهيزگار

ترجمو: توبهه وارو پاپي، بي ڪريائتي درويش
کان ڀلو. پر توبهه ٻن طرحن جي آهي.

هڪڙي ان سرنديءَ جي - جهڙو چور ڪاٽ هڻي نه
سگهي، يا چوريءَ وارو مال ليڪن جهڙو نه هجي،
۽ پوءِ چوريءَ کان توبهه ڪري، يا ڪو لانگ - چوٽو
ماڻهو پوڙهو ٿئي، ۽ بدڪاريءَ کان ڪٿي توبهه ڪري.
اهڙي توبهه ڪهڙي مُلهه واري نه آهي - جهڙو چوٽي آهي:

"اپٽي چو نَپچ نه چاڙدا، آکي پُون سوڙي،
گدڙ ڊاک نه پچ سگهي، آکي: ٿو ڪَوڙي!"

ٻي ڊپ جي توبهه - جهڙو چور سمجهي ته اڳي
سرڪاري ڪامورا گينوار هئا، جنهنڪري چوري
ڦبي ٿي، هاڻي سجاڳ آيا آهن، نه ڦبندي، يا هڪڙو
رشوتخور ڪامورو، پنهنجي بالادست کي سجاڳ

ڏسي، ڇاڪاڻ جو وڏي ڪجهي نہ رهندي، ۽ توبه ڪري- اها توبه پڻ نوري مُلهه واري آهي.

ليڪن سچي پچي سگهي توبه هيءَ آهي، جو بچڙي ڪم کي بچڙو ڄاڻي توبه ڪجي- جهڙو، هڪڙو پکايل ولهو ماڻهو، هڪڙي گهر ۾ وڃي، جنهن ۾ طرح طرح جا ڪاچ ايترا گهڻا رکيا هجن، جو هڪڙي- پڻ جي ڪاڏي اوٽا نہ پوٽا، گهر ڏٺي بہ ويٺل نہ هجي- پر هو اڻ ريهندو ڄاڻي، ڪاچ کي ويجهو نہ وڃي! يا هڪڙو بي سمجهہ ٻار، گهر مان رهيو يا مٽيو ڪٽي پاڙوسيءَ جي گهر ۾ چڙي اچي، جنهن کي ڏسي بہ ڪون- تنهن کي اهو پاڙوسي هٿ نہ لائي! اهڙا توبه ڪرڻ وارا ماڻهو، اڳئين پاپن کان ڇڏڻ جوڳا آهن، پر پهرين پڻ توبهن کي پڻ اجايو نہ ڄاڻبو، ڇاڪاڻ جو آهي پيئي اهڙيون آهن، جهڙي صرافي ڪيرت، تي توبه راجائي آهي- پوءِ اهڙو ضرور نہ آهي جو جيڪڏهن راجائي نہ ملي، تہ صرافي بہ نہ ڪجي! يعني جيڪا ٿي سگهي سا چڱي. هن ريت، جو جيڪڏهن ارادي سان توبه ڪبي تہ سڀ کان چڱي، ۽ جي لاچار ٿي ڪبي تہ بچڙي نہ آهي، ڇاڪاڻ جو جڏهن توبه جي برڪت سان، اڳين پاپن کان ٽري، اڳتي بس ڪري، چڱن ڪمن ۾ ورتبو، تڏهن ان اپياس سان آهي ڪيل بچڙا ڪم پاڻهين بچڙا لڳندا.

ماڻهو چوندا آهن تہ ڏٺي غفور آهي، ديال آهي، رحيم آهي، پتت- پاون آهي، سو اسان جي گناهن کي پڻ بخشيندو- جهڙو "صاڏب" شاعر جو بيت آهي:

چو فضلش انتظار عفو عصیان میکند "صائب"،
گنه ناکرده رفتن در حریم او گنه باشد۔

ترجمو: جڏهن سندس فضل، ڏوهن جي بخشش جو اوسيڙو ڪري ٿو، تڏهن بيڏوهو ٿي سندس درٻار ۾ وڃڻ، چُڪ آهي.

پر اُن ڪامل، ڏٺيءَ جي توهه جي ساراهه ڪئي آهي، نه پاپن جو تاڪيد يا توبهه جي منع. آياسون اُن ڳالهه تي- اسين اها ڳالهه به مڃون ٿا، پر جنهن ڏٺيءَ جا نالا- "غفور" ۽ پيا- مٺي آيا آهن، تنهن جو هڪڙو "قهار" به نالو آهي، تنهن کان ڊڄڻ گهرجي، ۽ اهڙي آسري رهي، توبهه کان ڍِيل ڪرڻ آهي، جهڙو هڪڙو ماڻهو گهر واري دولت اجائي خرچي، آسرو رکي ته هڪڙي سُجهڙي مان دفينو يعني پوريل لهندس، تنهن مان پار پچا ڪائيندا!

ڏونڪو ٻاويهون

ويچار سان خيرات ڏيڻ بابت

چار ڪم چئن مهلن ۽ هنڌن ۾ اجايا آهن: هڪڙو سمنڊ تي مينهن، جنهن مان ڇيٽ نه ڪٿي، رکو ٻاٽيءَ ۾ ٻاٽي، سو اڪيئي منجهس گهٽو آهي. ٻيو، ڍائي کي ڪاج ڪارائڻ، جنهن مان آن نه سَن، جنهن پيٽ ڀرڻ لاءِ ڪارائجي، سو اڪيئي ڀريل اٿس. ٽيون، ڏينهن جو ڏِيو ٻارڻ، جنهن مان هڙ نه حاصل،

جنهن سوجهري لاءِ ٻار جي، سو خدا جي حڪمت مان اڪيٺي آهي. ڇوته، هوند واري کي خيرات ڏيڻ، جنهن مان هوند نه شڪر، ڇاڪاڻ جو ڪنهن جي گهرج ڀلڻ لاءِ خير ڏجي، سا ڪانه اٿس.

تنهن لاءِ هڪڙي ڪامل فرمايو آهي ته ”خيرات ڏيڻ لاءِ ٽن طرحن جا ماڻهو ڳول: هڪڙو ڪيريءَ وارو درويش، جنهن کي جيڪي ملي تنهن تي سنجم ڪري، ٻچن ۾ رُڌو رهي، ته تون پڻ اُن جي ٻچن ۾ پائيوار رهندين — انهيءَ تي هڪڙو مثل آيو آهي: هڪڙي هٽائيءَ جو دستور هو ته جيڪو درويش ٻچن وان ڪائنس سيڌو وٺندو هو، تنهن کان ملهه ڪين وٺندو هو — سو ڪن ڏهاڙن کان پوءِ ڪٽي پيو، تنهن کي هڪڙي ڪامل کچ جيترو ناڻو ڏيئي واپار جو تاڪيد ڪري، چيائينس ته ’انهيءَ واپار مان توڙي هٿ گهاٽو پائيندين ته به پرلوڪ ۾ درويشن جي ٻچن جي پائيواريءَ مان گهڻو واڌ ملندءِ‘ — ٻيو رحماني علم جو ڳولو، يعني پڙهندڙ، جو تنهنجي ڏنل خيرات مان پيٽ ڀري، پرلوڪ جي ڇوٽڪاري جي وديا پڙهي، ته ان ۾ به تون پائيوار آهين؛ ٽيون اهو فقير جو پنهنجي درويشي لڪايو وتي ۽ ڪنهن کان گهري ڪين، ۽ اهڙو نه هجي جو فقيريءَ کي ٻنڻ جو وسيلو ۽ گودڙيءَ کي ڀڪيا جو ٻاسڻ ڪيو وتي — ته اهڙي خيرات ڏيڻ جي برڪت مان، ٻنهي جهانن ۾ سرڪندين“.

ٻوڙڪو ڏيو ڏيهون

هڪ ليلي فقير کان، ٻچندڙ پاپيءَ جي چڱي هڻڻ بابت

ڪاملن جو مت آهي ته "فقيريءَ جو ويس پهرجي، پاڻ کي چڱو ڄاڻي، هٺ ڪجي، تنهن کان چڱو آهي جو پاڻ کي بڇڙو ڄاڻي، ڏڻيءَ کان ڊڄجي". انهيءَ تي هڪڙو مثل آهي:

"هڪڙي شخص سڄي ڄمار، حرام، چوري، جوا، ۽ ٻين اهڙن پاپن جي ڪمن ۾ وڃائي هئي. هڪڙي ڏهاڙي ڏٺائين ته درويش هڪڙو، وڏو پهچيڪ، جنهن سڄي ڄمار عبادت ڪئي هئي، سو هڪڙي مهاپرش جي پٺيان لڳو ٿو وڃي- تن کي ڏسي ڏاڍو لاچارو ٿيو ۽ پنهنجا لڇڻ ياد ڪري پڇتايائين، ۽ ڌرتيءَ تي مٿو رکي، چوڻ لڳو 'اي ڌڻي! مان اپراڌي، گنهگار ۽ هچارو، تون ستار، غفور، رحيم، پتت- پاون آهين- انهن پنهنجن نالن جي برڪت سان، منهنجا پاپ ڍڪي، ڪميا ڪري، اڪيتي لاءِ سمت ڏي ۽ نرڪ کان بچاءِ'. ايتري چوندي، مهاپرش ۽ درويش جي پٺيان لڳي هليو، پر مهاپرش کي ان ڳالهه جو فڪر ڪونه ٿيو، مگر درويش کي هن جو پٺيان اچڻ نه وڻيو، ۽ چيائين ته 'اهڙي پاپيءَ جو منهن ڏسڻ به پاپ سو جيڪڏهن منکي ۾ ڪڏ هوندو ته آءٌ ٻڻ پاپي ٿيندس'، ۽ ڌڻيءَ کي سوال ڪيائين ته "ڌڻي منهنجا، اهڙي پاپيءَ جي ڪڏ هڻڻ کان مون کي بچائيج!" ايتري ۾ مهاپرش تي آڪاس- واڻي ٿي

ته "ڌڻيءَ جي دربار ۾ هنن ٻنهي جا سوال قبول ٿيا-
هن ريت: ٻانهيءَ هار مڃي ڪميا گهري، سو بهشت
۾ ويندو، ۽ درويش هٺ ڪري هن سان ڪُڌ رهڻ
ڪان ٻڪو، سو دوزخ ۾ ويندو!" انهيءَ تي فارسيءَ
واري چيو آهي:

بـريـن آستان عجز و مسڪيني مت،
بـه از طاعت و خويشتن بيني مت،
چو خود را ز نيڪان شمردي بدي،
نـمي ڪنجد انـدر خـدائـي خـودي.

ترجمو: هن دربار ۾ هيٺائي ۽ غريبي، هٺ واري
عبادت کان چڱي آهي: جڏهن پاڻ کي چڱن
۾ ڳڻيئي، بڇڙو آهين، ڌڻيءَ وٽ هٺ نٿو هلي.

ڏونڪو چووڻهون

پنهنجي هوندو سارو سخاوت جي سارام بابت

سياڻا چوندا اهن ته "سخاوت چڱو ڪم آهي، جنهن
مان هن لوڪ ۾ نيڪنامي، پر لوڪ ۾ ثواب ٿئي"-
پر آها، جا پنهنجي هوند مان ڪجي، نه آها جا قرض
کڻي ڪجي، جنهن لاءِ لهڻي وارا ڏيوالو ڪڍائي ٻت
وڃائين! يعني هوند واري کي پنهنجي هوند آهر
سخاوت ڪرڻ گهرجي، ۽ اڻهوند واري کي صبر ۽
شڪر ٻن هڪڙي سخاوت آهي، تنهن حال سوڌو
ٻن، جيڪي ٿي سگهي سا سخاوت چڱي- هن ريت، جو
اڙو هڪڙو سالهو به ڪونه هوندو، جنهن کان

جيڪي ڪو گهري سو ڏئي: جيڪڏهن اهڙيءَ طرح ڪنهن کي بخيل چئجي، ته سڀ بخيل آهن! تنهنڪري پنهنجي هوند سارو سخاوت بس آهي.

هڪڙي ڪامل چيو آهي ته "غريب ماڻهوءَ لاءِ هيءَ سخاوت آهي، جو گهرج مهل ڪنهن کان وٺي نه، ۽ پنهنجي ڪمائي ڪري گهرج پلي، ۽ جي ان ڪمائيءَ مان ماني ٽڪر بڪايل مسڪين کي ڏئي، ته هيڪاري وڏي سخاوت اٿس."

هڪڙي بزرگ جو فرمودو آهي ته "هوند سارو سخاوت چڱي آهي، پر منجهس ٻه شرط کپن: هڪڙو هيءُ جو اهو ڏئي، جو اهنجو نه لڳيس - يعني جنهن جي ڏني خوش رهي، پوءِ ٿورو هجي توڙي گهڻو، ٻيو هي جو جيڪي ڏئي، تنهن ۾ ناموس يا ساراهه يا شڪراني يا دعا يا ڪنهن ٻئي بدل جي اميد نه رکي" - تنهن لاءِ هڪڙي ڳالهه آهي:

"هڪڙي بزرگ کي ڪجهه هڪڙي مسڪين کي خيرات ڏنو، تنهن دعا ڪيس، بزرگ وري ڪيس اوتري دعا ڪري چيو ته 'جا تو دعا ڪئي، تنهن جي بدل ۾ توکي دعا ڪيم، جا توکي خيرات مليو، تنهن جو بدل توکان نٿو گهران.'"

اگرچ بدلي بنان سخاوت، هڪڙي ڏاڍيءَ پاڪ ڏاران ٻئي کان نه پهچي، تڏهن به سياڻي کي گهرجي ته آخرت جي فائدي جي اميد رکي، ۽ دنيا جي اميد نه رکي، جو ته دنيا پاڻ ناپائدار آهي.

ڏونڪو پنجو يهون

ٻخيل جي دولت جي ڳالهه بابت

هڪڙي سياڻي کان پڇيائون ته "ٻخيل جي دولت هميشه ڌرتيءَ ۾ پوريل رهي ٿي، سو ڇو؟" چي، "ادا، پنهنجي هڪڙي ٽيڻ جو ڪولاندر ڏنو اٿس، ته جڏهن پاڻ ڌرتيءَ ۾ ويندو، تڏهن ڪولاندر ڇٽي نڪرندو." چي، "واه پريا مڙس تنهنجي سهٽي ورندي- جيڪر موتيءَ وانگي پوئي ڪن ۾ پائجي!" مطلب ته پاپن ۾ ٻُخل هڪڙو وڏو پاپ آهي، جنهن مان هت ڳالهه، هُت ڏک! منجهانئس ڪنهين سک ڪو نه پاتو.

تنهن لاءِ هڪڙو مثال:

هڪڙي شخص ڪنهن مهاپرش کي عرض ڪيو ته "منهنجي گناهه بخشائڻ لاءِ ڌڻيءَ جي دربار ۾ شفاعت ڪر". مهاپرش پڇيس "ڪهڙو گناهه؟" چي، "گناهه وڏو آهي!" چي، "تنهنجو گناهه وڏو ڪي ڌرتي؟" چي، "گناهه!" چي، "تنهنجو گناهه وڏو ڪي آڀ؟" چي، "گناهه!" چي، "تنهنجو گناهه وڏو ڪي ڌڻي؟" چي، "ڌڻي!" تڏهن مهاپرش چيو ته "گناهه جو نالو ٻڌاءِ؟" چي، "سائين، مال گهڻو وٽم آهي، پر جڏهن ڪو سوالي ٿو اچي، تڏهن ڪر ٻت کي باهه لڳيو وڃيم". تڏهن مهاپرش چيو ته "ادا، مون کان پري ڀڄ، متان اها باهه مون کي ٻڻ ساڙي!"

۽ پڻ هڪڙي ڪامل جو فرمود و آهي ته "جيڪڏهن ڪو شخص هزار ورهيه بندگي ڪري، ۽ ايترو روئي جو سندس اکين جي پاڻيءَ مان واهه وهي هلن، ۽ ان جي ريج مان وڻ ڄمن - پر جي بخيل ٿي مري، ته دوزخ ڏاران ٻئي هنڌ نه مليس.

ڏونڪو چويهون

علم سکڻ ۾ لڄ جي منع بابت

هڪڙي وڏي پڙهيل کان پڇيائون ته "هيترو علم ڪيئن گڏ ڪيئي؟" چي، "جيڪي نٿي ڄاتم، تنهن جي پڇڻ کان لڄ نٿي ڪيم، پوءِ جي منهنجي اڇاٽائيءَ تي کليائون ٿي، ته دل کي هيءَ سيٽ پڙهي ٿي پڏايم:

تا نخنداني، نخندي بر کسي.

ترجمو: جاسين پاڻ نه کلائيندين تاسين ٻين تان نه کلندين.

مطلب هي آهي ته لڄ چڱي، پر هڪڙن ڪمن ۾ منجهائنس مورکو ٿاوڻ - جهڙو هڪڙو ماڻهو ڪاڄ ڪائيندي لڄ ڪري، ته بک مري؛ يا ڪو شخص وهنوار جي ڏيڻ وٺڻ ۾ لڄ ڪري، ته گهاٽو پوري - تنهن وانگي علم سکڻ ۾ لڄ ڪرڻ پڻ ٻڇڙي آهي.

هڪڙي سياڻي فرمايو آهي ته "علم سکڻ لاءِ جي ناڻو ڏيڻو هوي، ته ڏجي؛ جي محنت ڪرڻي هوي، ته ڪجي؛ جي ٻي مانائي ٿئي، ته سهجي - پر سکجي."

۽ پڻ هڪڙي بزرگ جو چوڻ آهي ته "جيڪڏهن سون ڪتاب ۾ ڪيرايل هجي، ته هٿ ميري ٿيڻ جو مانگو نه ڪري، ڪٿي ولجي" - تنهن وانگي علم پڻ بيڪڏهن هڪڙي ڪميٽي يا هٺيلي وٽ هجي، ته بيمانائيءَ جو صرفو نه ڪري، سڪجي.

علم ڏاران ماڻهو اهڙو آهي، جهڙو رات جو ڏيئي بنان گهر! ۽ هڪڙي سياڻي جو لطيفو آهي ته "انسان جو وجود هڪڙو مُلڪ آهي، تنهن ۾ علم بادشاهه رهي ٿو. جنهن ملڪ ۾ راجا نه هجي، سو سڄو خراب ٿئي - تنهن وانگي جنهن انسان جي وجود ۾ علم نه آهي سو پڻ خراب سمجهو."

ڏونڪو ستاويهون

بخيل جي مذمت بابت

سياڻا چوندا آهن ته "سون ۽ رُپو ڪاٽين مان ڪونجي ٿو نڪري، ۽ جهان جي ورتڻ ٿو ڪري، پر تنهن مان جيڪي بخيل وٽ ڏرتيءَ ۾ پوريل آهي، سو ڪر اچا ڪاڻ مان نه نڪتو آهي!

ڏاتيءَ پاڪ هن انسان لاءِ ٽي نعمتون جوڙيون آهن؛ تن مان هڪڙي اندر ۾ - جهڙو عقل يا موچاري عادت؛ ٻي ٻئت ۾ - جهڙي سلامتي ۽ صحت، ٽين ٻئت کان ٻاهر - جهڙي دولت يعني رُپو سون. پر اها ٽين نعمت اهڙي نه آهي، جنهن جي ڪاڏي مان ڪا سڪهه

يا سواد اچي، يا ڀرڻ مان آگهڙ ڏکجي، بلڪ ڪجهه
تائين هٿ ۾ ولجي، ته مورکو هٿ ڪارو ٿئي!
مگر ايترو، جو سنڌس اوصاف مان پيٽ ڀرڻ جو آنُ
۽ لڱن ڍڪڻ جو ڪپڙو ٿئي- ۽ اهي ڪم ٻُت جي
پالنا جا آهن، ۽ ٻُت حواسن جو بار کڻندڙ وهٽ آهي،
۽ حواسَ عقل جو آسرو آهن: سو، عقل سوجهرو آهي،
جنهن سان ڌڻيءَ جي معرفت کي چاڻجي، ۽ چڱن ۽
بڇڙن ڪمن جي ڦير جي خبر پوي، ۽ دنيا جي ڏوهه
ثواب کي سمجهجي، آخرت جي ڏک سک جو چاڻ
پوي؛ پر جنهن دولت اهو ڪم ٻه نه ڪيو، سا ڪاڻ
مان نه نڪتل چڱي؛ ۽ جو بخيل دولت هوندي ان
ڪمن کان پري رهيو، سو ڪر ڌڻيءَ کان پري
رهيو! تنهن لاءِ هڪڙي الله والي چيو آهي ته "سخي،
ماڻهن کي ويجهو آهي، خدا کي ويجهو آهي، بهشت
کي ويجهو آهي، مگر دوزخ کان پري؛ بخيل،
ماڻهن کان پري آهي، خدا کان پري آهي، بهشت
کان پري آهي- مگر دوزخ کي اوڏو!"

ڏونڪو اڏاويهون

فقير کي خدا جي در ڀنان ٻئي در تي ڀنڻ جي منع بابت

ڪنهن کان پڇيائون ته "ڀنارن سان هميشه ڀو
وڙهين ۽ ڌاڙهين، سو ڇو؟" چي، "آءٌ ڪتو
آهيان، ته ٻه ڀنهنجي ڌڻيءَ جو در ولئو ويٺو آهيان،

هيءَ ماڻهو ٿي، پنهنجي ڏاڍيءَ جو در ڇڏي، ماڻهن جي
در تي پنڪي ٿو، سو ڏاڍهيو ڇڱو آهي!" ڏسو، جڏهن
ڪتو پڻ ايتري ساڃهہ ڪري ٿو، تڏهن ماڻهو جو اهڙي
ساڃهہ نہ رکندو، تنهن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟

هڪڙي ڪامل چيو آهي تہ "پاڻ تي فقيريءَ
جو نالو رکائي، ماڻهن کي سوال ڪرڻ، ڏاڍيءَ جي
گلا آهي"- جهڙيءَ طرح هڪڙي جو ٻانهو، ٻئي
ڪان ڪي گهُري، تہ ڪر پنهنجي ڏاڍيءَ کي سُڃائيءَ
جو يا بخيليءَ جو مِهڻو ڏئي- اهڙن تي ڏاڍي ناراض،
بلڪ ڪوپ رهي ٿو. پڻ هڪڙي بزرگ فرمايو
آهي تہ "فقير ٿي در در پنڻ، پنهنجي اٿهو ند چاٽائي،
پاڻ کي خوار ڪرڻو آهي؛ پر هڪڙي ڏاڍيءَ ڏاران،
ٻئي اڳيان پاڻ کي خوار ڪرڻ نہ کپي"- يعني
جيڪي گهرجي سو ڏاڍيءَ کان گهرجي. هڪڙي
مهاپرک کان پڇيائون تہ "پنڻ ڪنهن کي روا آهي؟"
چي، "اُن محتاج کي، جنهن کي ڪي بہ نہ هجي—
پر ٻن شرطن سان؛ هڪڙو هيءَ، جو ڏاڍيءَ جي
عبادت ٻنان ٻيو ڪم نہ ڪري؛ ٻيو هيءَ، جو ضروري
گهرج کان واڌو نہ پني-- ۽ جيڪڏهين پاڻ لاءِ ۽
پنهنجي اولاد لاءِ چڱا ٻوڇڻ ۽ اڇيون پوشاڪون
ڪري، تہ حرام اٿس!"

ٽوڻڪو اوڻٽيهون

ڪنهن کي پچڻ ۾ ڍنگ نہ وجهڻ، ويتر واهر ڏيڻ جي تاڪيد بابت

هڪڙي ڪُتي کي چيائون تہ "ڏٿيءَ رات، ننڊ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ ڪئي آهي، سا سڀ جاڳندي ۽ ڀئونڪندي وڃائين، ۽ پرڀات، جا جاڳڻ لاءِ جوڙي اٿس، تنهن مهل سمهيو رهين، سو ڇو؟" چي، "پرڀات ڏٿيءَ جي عبادت لاءِ درويشن جي جاڳڻ جي مهل آهي، جي ان مهل گوڙ ڪندس تہ هنن جي پچن ۾ سيڙاپو پيندو"- واه ڙي ڪُتا، واه! ڏسو، ويچاري کهڙي سهڻي ورندي ميڻ جهڙي ڏني! سياڻا چوندا آهن تہ "چڱي نصيحت جيڪڏهن ڀتڙو چوي ٿو، تہ بہ مڃڻ گهرجي." فارسيءَ واري چيو آهي:

مرد بايد که گيرد اندر گوش،
گر نوشته است پند بر ديوار.

ترجمو: مڙس کي گهرجي جو ٻُڌي وٺي، جيڪڏهن نصيحت ڀت تي بہ لکيل هجي.

مطلب هي آهي تہ انسان کي گهرجي تہ ڪنهن جي پچن ۾ رنڊ يا ڍنگ نہ وجهي، ڇا ڪان جو ان ڪم جي وات ڏاڍي ٻڇڙي، ۽ منجهس گهڻا ڪنڊا آهن، ۽ سندس ٻريون ڇيهہ دوزخ جي در وٽ آهي،

سو جيڪو اُن رستي هلندو، سو نيٺ دوزخ ۾ ويندو! چڱو هي آهي جو دل، زبان ۽ بُت سان پڇن واري کي مدد ڏجي- يعني دل سان دعا ڪجيس، ته شال پڇن ۾ رُڏو رهي، ۽ ڏٺي سندس پڇن قبول ڪري، ۽ زبان سان پڇن جو تاڪيد ۽ تعريف ڪجيس، ته پڇن کي واڌو پيار ڪري، ۽ بُت سان سندس ڏهل ۽ وسعت مارو سندس ڪاڻ پيٽ جي پالنا ڪندو رهجي، ته پيٽ جي پٺتي ڪان واندو ٿي، دلجاء سان پڇن ڪري- ته ان ڪم جي واٽ تمام چڱي، سولي ۽ وٽندڙ آهي، ۽ سندس پريون مٿو بهشت جي در وٽ رهي ٿو، سو جيڪو اها واٽ وٺندو، سو سولي ءَ طرح بهشت ۾ ويندو.

۽ پڻ هڪڙي ڪامل جو چوڻ آهي ته ”ڪنهن جي پڇن ۾ ڍنگ وجهڻ، شيطان جي پيروي آهي: ۽ شيطان جي پيروي ڪرڻ، ۽ چڱن ڪمن کان پري رهڻ، پاڻ لاءِ دوزخ جو عذاب پرائڻ آهي!“

ڏونڪو ڏيهون

ين طرحن جي قناعت جي بيان بابت

قناعت ين طرحن جي آهي: هڪڙي هيءَ جو جيڪي ريهندو سک سانت سان ملي سو سرهو ٿي ولي، ۽ئي لاءِ اجايو نه ڊوڙي، ٻي هيءَ، جو اهو جيڪي هٿ لڳي، تنهن کي نهت مـربات سان هلائي چلائي.

انهن پڻ قناعت مان ٻه ڦلايون آهن: هڪڙي هيءَ جو ڪنهن جي اڳيان هٿ ٽنگيو نه پوندو، ٻي هيءَ جو ڏنيءَ جي يادگيريءَ لاءِ وجهه ملندو ـ مطلب ته سڀڪنهن طرح، قناعت چڱي آهي. تنهن لاءِ، فارسي بيت آهي:

قناعت بهرحال اوليٰ تر است،
قناعت کند هرکه نيک اختر است.

ترجمو: قناعت سڀڪنهن حال سوچاري آهي، جيڪو قناعت ڪري سو سڀاڳو آهي.

تنهن لاءِ، هڪڙي بزرگ جو فرمودو آهي ته "قناعت واري ڪي، ڏني، شڪر ڪرڻ واريءَ وانگي پسند ڪري ٿو، ڇاڪاڻ جو قناعت شڪراني جو نشان آهي، ۽ پڻ قناعت وارو ڪڏهن به ٻکيو يا محتاج نه رهندو" ـ جهڙو فارسي لطيفو آهي:

حريص با جهاني گرسنه، قانع با ناني سير.

ترجمو: حرص وارو راجائيءَ هوندي بکيو، قناعت وارو هڪڙيءَ روٽيءَ سان ڌاول.

۽ پڻ، قناعت واري ڪي ڪنهن جي ڪاڻ نه رهي، بلڪ راجا جي به نه ـ ۽ پاڻ کي ڌاول ڄاڻي، راجا کي پاڻ کان بکيو سمجهي! تنهن لاءِ هڪڙي سائين لوڪ چيو آهي:

خبر ده بدرويش سلطان پرست،
که قانع ز سلطان تونگر ترست.

ترجمون: راجا جي پوڇڻ واري درويش کي ٻڌاءِ، ته قناعت وارو، راجا کان وڌيڪ ونھيو آهي.

۽ پڻ هڪڙي الله والي جو چوڻ آهي ته ”ٽن ڄڻن تي هميشه ڏٺي ديا جي نظر رکي ٿو. هڪڙو عادل راجا، ٻيو صابر درويش، ٽيون قناعت وارو ڀاڳيو.“

ٽوٽڪو ايڪٽيهون

دولت گڏ ڪرڻ لاءِ چمار اجائي وڃائڻ کان منع بابت

دولت، چمار جي سک لاءِ آهي، نه چمار، دولت ميڙڻ لاءِ - هڪڙي ڏاهي کان پڇيائون ته ”سڀاڳو ڪير آهي، ۽ نڀاڳو ڪير؟“ چي، ”سڀاڳو اهو، جنھن کاڌو ۽ ڏنو ۽ جي وات ۾ پوکيو، نڀاڳو اهو آهي، جنھن ميڙي گڏ ڪيو ۽ مئو.“

ھر هتي جيڪو لفظ ’چمار‘ جو آهي، سو هن جهان جي چمار سان لاڳو ڪرڻ نه کپي، ڇا کان جو اها چمار ٿورن ڏهاڙن جي آهي، سندس سک ٿوري ملھه وارو، بلڪ سپني جھڙو آهي. تنھنڪري هت ’پرلوڪ جي چمار‘ ڄاڻڻ کپي، جا ڏکھي رهي ٿي. تنھنڪري، سياڻي کي ڄڳائي جو دولت مان پرلوڪ جي ثمر جو فڪر ڪري، ۽ هيءَ چمار دولت جي گڏ ڪرڻ ۾ وڃائي، مرڻ مھل ڌلمھين هٿين نه وڃي، ۽ دولت جو ارمان ساڻ نه نئي - تنھن لاءِ هڪڙي بزرگ چيو آهي:

”توهان هن جهان ۾ مسافر آهيو، نيٺ ماڻهن جو ڳ پرلوڪ ۾ آهي، جاتي ضرور وڃڻو اٿيئي، ۽ هي جهان هڪڙو هٽ آهي، تنهن مان پرلوڪ جو ثمر ڳنهي هرو پرو کپيئي- اهو ثمر هي آهي ته دولت ستمارڳ ۾ هلاءِ، ته اُتي ڪم اچيئي“- جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

دنيا همه گذرست، و تو همه رهگذري،
تو خانه چه مي سازي، مرد سفري؟
اول تو چه آوردي و آخر چه بري؟
تو توشه همان ساز که با خود ببري!

ترجمو: جهان گذر آهي، تون به واٽهڙو آهين، تون گهر ڇو ٿو اڏين، مسافر آهين! پهريائين ڇا آندءِ، نيٺ ڇا نيندين؟ اهو ثمر ڪر، جو ساڻ نين!

۽ اُن لاءِ هيءُ هڪڙو نقل آهي:

”هڪڙي ملڪ ۾، راجا کي ٽيلي تي ويهارڻ، هميشه پرجا جي اختيار رهندو هو، ۽ پرجا جو دستور هو، جو ٻارهن مهينن کان پوءِ، ٿي راجا کي ٽيلي تي ويهاري، اڪولي کي درياءَ جي ٻيءَ ڀر لنگهائي ڇڏيندا هئا، جو وري هين ڀر اچي نه سگهي! ۽ اُتي اهڙو سنجهڙو هو، جو اهو راجا، اُج جي وکهي يا ٻيءَ طرح، رلي مرندو هو. ان طرح، هڪڙي پيري هڪڙو سياڻو ماڻهو تخت تي ويٺو- پر ويهندي سان، ان سڃهڙي واريءَ ڀر تي ڪجهه جيتريون جايون، کوهه

SOORIH SINDHI ADAB

۽ باغ جوڙائي، واهه کٽائي، پوکون ۽ آرام پائڻ جا
ڪم ڪرائي ڇڏيائين - جڏهن مدي پُڄي ڪان پوءِ آتي
موڪليائونس، تڏهن ڪر هڪڙي تخت تان اٿي، وڃي
ٻئي تخت تي ويٺو!"

تنهن وانگي، اسين پڻ پين جي مرضيءَ سان هن
جهان ۾ آيا آهيون، تن کي جڏهن وڻندو، تڏهن
گهرائيندا. تنهنڪري جيڪڏهن هاڻي پنهنجي هٿ-
پچندي مان، پرلوڪ لاءِ ڪي اڳوات موڪليندا سون،
ته اتي وڃي پوءِ راجا وانگر سکيا ٿيندامون، نا ته
اڳوڻن راجائن وارا حال سُجهن پڄهن ٿا؟

ڏونڪو پنيهون

سچ ۽ ڪوڙ جي ڦير جي بيان بابت

سياڻي ڪان پڇيائون ته "سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾
ڪيترو ڦير آهي؟" چيائين، "چار آڱر، جهڙو ڪَن ۽
اک ۾"- يعني ڪَنن ٻُڌل ڪوڙ ۽ اکين ڏٺل سچ!
اگرچ ڏسڻ لاءِ منجهن ڦير ٿورو آهي، پر حقيقت ۾
تمام وڏو- جهڙو سچ سونُ، ڪوڙ پتل؛ ۽ سچ
سک جو ٻج، ڪوڙ ڏک جو ٻج؛ سچ بهشت جو
رستو، ڪوڙ دوزخ جو دڳ؛ سچ خدا کي پسند،
شيطان کي نه وڻي؛ ڪوڙ خدا کي ناپسند، شيطان
کي وڻي؛ سچ سڀ هنڌ مانُ پائي، ڪوڙ سڀ هنڌ
سانُ وڃائي؛ سچ ماڻهوءَ کي مَرڪائي ڪوڙ

SOORIH SINDHI ADAB

ماڻهن جي پٽ وڃائي، سچ جهڙو چڱو ڪم ڪونه، ڪوڙ جهڙو بڇڙو ڪونه. تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

به از راستي درجهان ڪار نيست،
که در گلبن راستي خار نيست؛
دروغ آدمي را ڪند شرمسار،
دروغ آدمي را ڪند بيوقار.

ترجمو: سچ کان چڱو ڪم جهان ۾ ڪونه آهي، جو سچ جي باغ ۾ ڪنڊو ڪونه آهي؛ ڪوڙ ماڻهوءَ کي لڄارو ڪري، ڪوڙ ماڻهوءَ کي بيمانو ڪري.

تنهنڪري، ماڻهوءَ کي گهرجي جو انهن جي ظاهري چئن آڱرين جي ڦير کي ڏورو نه چائي، سندن باطني ڦير کي ڏسي. ڪوڙ کي وِڪَ ُ چاڙهي ڪانئس پڇي، نه ته مرندو؛ ۽ سچ کي انبرت چاڙهي سائس وهنوار رکي، ته بچندو.

ڏوڏڪو ڏيڏيهون

لچ تي مهرباني ڪرڻ مان نقصان بابت

مهرباني ڪرڻ چڱي آهي، جنهن جو ڦل چڱو ملي؛ پر نه لُچ ماڻهوءَ تي، جنهن مان مورڳو برائي ٿئي. لچ تي پاڃهه اهڙي آهي، جهڙو چڱي مڙس کي ڏکوئڻ. تنهن تي هڪڙي سياڻي جو چوڻ آهي ته

"جو ماڻهو سپ ڏسي، ڪهل ڪري، ان کي نه ماري، ته ان ڏينهن پچائڻا اهو سپ جنهن کي ڏنگي ماري، تنهن جو پاپ ان ماڻهوءَ تي آهي"- فارسيءَ واري ۾ به چيو آهي:

ندانست آنکه رحمت کرد بر مار،
که این ظلم است بر اولاد آدم.

ترجمو: جنهن نانگن تي رحم ڪيو تنهن نه ڄاتو، جو ماڻهوءَ لاءِ هي ظلم آهي.

۽ هڪڙي سياڻي چيو آهي ته "ٻچڙي سان ڀلائي ڪرڻ، پاڻ لاءِ ٻير جو وڻ پوکڻو آهي!" جيئن ٻير مان نيٺ ڪنڊا لڳن، تيئن ٻچڙي مان نيٺ بدي ٿئي- فارسيءَ واري جو بيت آهي:

ترحم بر پلنگ تیز دندان،
ستمگاري بود بر گوسفندان.

ترجمو: ڏندن واري چيتي تي رحم ڪرڻ، گهٽي تي ظلم ڪرڻو آهي.

ان تي به هڪڙو مثل آهي:

"هڪڙي هنڌ، ڪجھ جيترا چور گڏ ٿي، ڦرمار لايو ويٺا هئا. ان ملڪ جي راجا اها سڌ پُڌي، لشڪر موڪلي، سڀن کي قيد ڪرائي، ڦاهيءَ چاڙهڻ جو حڪم ڏنو. پر ان ۾ هڪڙو ڇوڪر سهڻو هو، تنهن کي ڏسي وزير کي رحم آيو، ۽ ان جي بچائڻ

لاءِ بادشاهه جي خدمت ۾ عرض ڪيائين - اگرچ
بادشاهه جي مرضي نه هئي، پر وزير جو عرض نه
مڃڻ اڻانگو ڄاتائين، ان ڪي نه مارايائين. وزير ان ڪي
پنهنجي گهر آئي چڱيءَ پر پاليو، جو ڪجھ ڏيهاڙن ڪان
پوءِ نيڪي جوان ٿيو: پر هڪڙي ڏيهاڙي، ٻين بدمعاشن
ڪسي ساٿي ڪري، وجھه ڏسي، وزير کي ڪُهي،
ڪجھ جيتري دولت ڪٺي رمندو رهيو! بادشاهه اها
ڳالهه ٻڌي وزير جي مرڻ جو ارمان ڪائي، هيءَ
بيت پڙهيو:

سنگ در دست، مار برسر سنگ،
سست رائي بود قياس و درنگ.

ترجمو: پاهڻ هٿ ۾، اڳيان نانگ پاهڻ تي - تنهن
جو قياس ۽ دير ڪرڻ بيعقلي آهي.

ڏوڏڪو چوڏيهون

چڱي صحبت جي ساراهه

چوڻي آهي جو "چڱيءَ صحبت جو پارس جهڙو
گڻ آهي" - پر پارس جو ايترو گڻ آهي جو ٽامي کي
سون ڪري، ۽ پاڻ وانگي پارس ڪين ڪري ۽
چڱي صحبت پاڻ جهڙو ڪري ڇڏي - جهڙو سيالن
جي سنگ لڳڻ، ڏڏ به ”سيالو ٿئي، يا پڙهيل جي
صحبت ۾، اڻپڙهيو پڙهي. تنهن تي هنديءَ واري
چيو آهي:

ساڌو اور پارس ۾ بڙو انترو ڄاڻ،
وُه تانبا سونا ڪري، وه ڪري آپ سمان.

ترجمو: درويش ۽ پارس ۾ وڏو ڦير سمجهه، هو ٽامي کي سون ڪري ٿو، هي پاڻ جهڙو ڪري ڇڏي ٿو.

تنهنڪري، سياڻي کي گهرجي جو هميشه چڱن جي صحبت ڪندو رهي، ته ضرور منجهانئس چڱو ڦل پائيندو. تنهن تي، هڪڙي سياڻي جو چوڻ آهي ته "سچي هن جهان ۾ اهڙو سخي ڪونه آهي، جنهن کان جيڪي گهرجي سو ڏئي؛ مگر هڪڙي صحبت!" جنهن لاءِ هڪڙو سنڌي بيت پڻ آيو آهي.

سخاوت صحبت جني ڪير سگهي ساري؟
ماڻهوءَ جي مت لڳي طوطو ٿنواري!
ڪنجهي کي ڪنچن ڪيو پارس ٿو پاري،
ڪسو نبو ڪيسو ڪلي لڳي ڪٽ ڪاري!

ڏونڪو پنجنيهون

ڏمر توڙي مهرباني بيحد ڪرڻ جي منع بابت

راجا کي ويرين تي ڏمر ڪرڻ چڱو آهي، پر ايترو گهڻو نه، جنهنڪري سڄڻ به سوس پلي رهن ۽ سڄڻن تي کهل ڪرڻ چڱي آهي، پر آها به ايتري گهڻي نه، جنهن مان ويري آڪرا ٿين يعني ڪونئرائي توڙي ڏاڍائي، مهل مارو، مناسبت آهر هئڻ گهرجي– جهڙو فارسي بيت آهي:

درشتي و نرمي بهم در به است،
چو رگزن، که جرّاح و مرهم نه است.

ترجمو: ڏاڍائي ۽ ڪونئرائي گڏ چڱي آهي، جيئن سير چوڙڻ وارو گهاءَ کي نشتر به هڻي ۽ ملم به رکي.

مطلب هي آهي ته سيڪو ڪم جڳائيندو، مهل سارو ڪرڻ سياڻپ آهي، ۽ ڪنهن ڪم کي واجبيءَ کان گهٽ يا وڌ ڪرڻ اياڻپ. جهڙو عربيءَ واري چيو آهي، "خيرالامور اوسطها"، يعني وچينءَ وه ۾ ڪمن جي بهتري آهي-- جهڙيءَ طرح پاڻي پوک جو جيابو آهي، پر جي تورو هوئي ته پوک سڪي، جي گهڻو هوئي ته ٻڏي، يا سياري ۾ باهه وٽندڙ آهي، پر توريءَ مان سيءُ نه لهي، ۽ گهڻي ساڙي. تنهن وانگي، ڏمر توڙي مهرباني ته وچين وه واري چڱي-- جهڙو فارسيءَ واري چيو آهي:

وقتي، بلطف و مهر و مدارا و خرّمي،
باشد که در کمند قبول آوري دلي.
وقتي بقهر گوئي که صد کوزهٔ نبات،
گه گه چنان بکار نيايد که حنظلي.

ترجمو: ڪنهن مهل نرمي ۽ مهرباني ۽ خوشي ۽ ميٺ سان (ورتاءُ ڪري)، ممڪن آهي ته ڪنهن دل کي پنهنجي مچتا ۾ آڻي سگهندين. ڪنهن مهل وري ڪاوڙ مان ڪالهاءِ، جو سؤ باسڻ مصريءَ جو، ڪڏهين ڪڏهين اهڙو ڪم نه اچي، جهڙو ٿوهر.

۽ پڻ فارسيءَ ۾ هڪڙو مثال آيو آهي:

شباني با پدر گفت اي خردمند!
'مرا تعليم کن پيرانه يک پند'،
بگفتا 'نيکمردي کن نه چندان،
که گردد خيره گرگ تيز دندان!'

ترجمو: ڌنار هڪڙي ٻيءَ کي چيو ته 'اي سياڻا!
مون کي پوڙهن واري کا نصيحت سيکار'.
چيو، 'ايتري گهڻي چڱ مڙسي به نه ڪر،
جو تکن ڏندن وارو بگهڙ آڪرو ٿئي!'

ٽوٽڪو چٽيهون

ڌڻيءَ جي عبادت جي ٽن درجن جي بيان بابت

ڌڻيءَ جي عبادت جا ٽي درجا آهن: هڪڙو هيءَ، جو سمجهي ويچاري، دل جو دل ۾ عبادت ڪجي، ۽ چڱي ۽ بڇڙي ڪم جو ڦير پاڻ کي سمجهائجي — اها عبادت اهڙي آهي، جهڙو نار چاڙهي ٻوڪ ڪجي، جو نار جو پاڻي نار جي پاسي اوسي واري ڌرتي وسائي، پر پراهين ڌرتي اُن پاڻيءَ تي نه وسي. اُنهيءَ ريت، عبادت وارو ماڻهو اهڙو آهي، جهڙو ٿوريءَ ڪرت وارو ايترو ڪمائي، جنهن مان رکو پنهنجو پيٽ ڀاري، ٻيو هيءَ، جو اهو ويچار ۾ اها عبادت، گهڻن ماڻهن اڳيان، وڏي سڏ ڪجي، جنهن کي سياڻا ماڻهو ٻاٽاچاڙي، سمجهي ولن-

۽ اها عبادت اهڙي آهي، جهڙي موڪ تي ٻني ڪجي، جو موڪ جو پاڻي اوري ٻري واريءَ هيٺانهين ڌرتيءَ کي ساوو ڪري، ۽ اهو عبادت وارو اهڙو آهي، جهڙو سرس ڪمائيءَ وارو پاڻ کان واڌو ڪٽنب پاليءَ، ٽيون هيءَ جو ماڻهن کي چڱيءَ طرح عبادت جي وات ڏيکارجي، ۽ چڱي ٻڇڙي ڪم جو ڦير سمجهائجي - ۽ اها عبادت اهڙي آهي، جهڙي مينهن تي ٻوڪ، جو مينهن جو پاڻي هيٺانهين توڙي مٿانهين ڌرتي رجائي، ۽ اهو عبادت وارو اهڙو آهي، جهڙو هڪڙو گهڻي ڪٽنبي وارو ڏاتار ماڻهو سدا ورت ڏيندڙ هجي. ٻيو ضرور نه آهي، جو جيڪڏهين مينهن تي ٻوڪ ٿي نه سگهي، ته موڪ به نه ٻوڪجي، ۽ جي موڪ نه ٿي سگهي، ته نار به نه چاڙهجي! مطلب هي آهي، جو پنهنجي ٻٽ قوت لاءِ ٻوڪ ضرور ڪجي؛ تنهن وانگي، ٻچن پڻ ڪنهين درجي جو ٻه هجي، ته ٻه ڪرڻ واجب آهي.

ڏوٽڪو ستٽيهون

ٻڇڙيءَ سنگت جي گلا بابت

مياڻا چوندا آهن ته ٻڇڙي سنگت ماڻهوءَ کي ٻڇڙو ڪري - جهڙو سون ٽامي سان ڳڏجي آڻجي، ته مٽو سڏجي، بلڪ جيڪڏهين ڪو ماڻهو مياڻپ جي زور سان ٻڇڙي ٽين کان پاڻ ٻچائيندو، ته به گلارو جائي

ٿيندو- جهڙو ڪي هڪڙو ماڻهو ڪلال جي گهر مان کير جو ٻاسڻ کڻي نڪري، ته به سڀڪو شراب جي ٻتي ڄاڻي. تنهنڪري، سياڻي کي گهرجي ته ٻڇڙيءَ صحبت کان پاسي رهي، ۽ پاڻ کي ان گلا ڌان بچائي- تنهن لاءِ فارسيءَ واري پڻ چيو آهي:

بابدان کم نشين، که صحبت بد،
اگرچه پاکي، ترا پليد کند:
آفتابي بدين بلندي و تاب،
پارهء ابر ناپديد کند!

ترجمو: بڇڙن سان ٿورو ويهه، جو بڇڙي صحبت،
جيتوڻي پاڪ آهين، ته به ناپاڪ ڪندءِ:
سج کي هيتريءَ وڏائيءَ ۽ سوجهري هوندي
به ننڍڪر ڪڪر جو لڪائي ڇڏي!

۽ پڻ هڪڙي سياڻي چيو آهي: "هر که بابدان نشيند، نيکي نبيند"- يعني جو بڇڙن سان ويهندو، سو چڱائي نه ڏسندو- تنهن لاءِ هي بيت آيا آهن:

گر نشيند فرشتهء با ديو،
وحشت آموزد و خيانت......
از بدان جز بدي نياموزي،
نکند گرگ پوستين دوزي.

ترجمو: جيڪڏهين ملائڪ، جنّ سان گڏ ويهي، ته
خيانت ۽ مڪر سکندو. بڇڙن کان بڇڙائيءَ
ڌاران نه سکندين، جو بگهڙ چم سبڻ جو ڪم
نه ڪري.

ڏوڏڪو انڌيهون

شڪر ۽ فخر ۽ ڪفر نعمت جي بيان بابت

جهان ۾ ماڻهو ٽن طرحن جا آهن: هڪڙا آهي، جي شڪر نعمت جو ڪن، يعني جيڪي ڏٺي ڏئين، تنهن کي مٺو موچارو ڄاڻي، راضي ٿي، اکين تي رکي، چون ته "اسين ايتري نعمت جوڳا نه آهيون، ڏٺي پنهنجي مهرباني ڪئي آهي." اهڙن شاڪرن تي ڏٺي ڏاڍو راضي ٿئي ٿو، ۽ اها ڪاملن جي عادت تمام چڱي آهي؛ جيڪو اها هلت ڪري، اهو پاڻ ڪامل ٿي ڪنجي. تنهن لاءِ، هڪڙي بزرگ فرمايو آهي ته "شڪر تمام وڏي درجي جو مڪان آهي، جنهن کي سڀڪو نه پهچي سگهي مگر اهو شخص پهچي، جنهن سان ڏٺيءَ جو راضپو ۽ نصيب جي همراهي هجي."

ٻيا اهي، جي فخر نعمت جو ڪن - يعني ڏٺي جيڪا نعمت ڏئين، تنهن کي چڱو ڄاڻن، پر چون ته "اسين سياڻا يا پڙهيل آهيون، تنهن جي ڪري ملي آهي؛" ۽ هيءُ نه ڄاڻن ته آهي فضيلتون ڪنهن ڏنيون آهن! انهن کي چڱو نه ڄاڻبو، ڇاڪان جو ان عادت ۾ وڏو هٺ رهي ٿو. هٺ بڇڙو ڪم آهي، جو ڪاملن کي نه وڻي - تنهن لاءِ هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي:

هرکه خود را دانست، خدا را ندانست،
هرکه خود را ندانست، خدا را دانست.

ترجمو: جنهن پاڻ پاتيو، تنهن خدا کي نه ڄاتو،
جنهن پاڻ نه پاتيو، تنهن خدا کي ڄاتو.

تنهنڪري، مناسب هيءُ آهي ته نعمت کي، نعمت ڏيڻ واري کان ڄاڻجي- جيئن فارسيءَ واري چيو آهي:

چه انديشي از خود که 'فعلم نکوست؟'
ازان سو نگه کن که توفيق اوست!

ترجمو: ڇا ٿو پائين ته 'چڱا ڪم اٿم؟' اوڏانهن نهار، جنهن جي سگهه آهي!

ٻيان اهي، جيڪي ڪفر نعمت جو ڪن — هيءُ، جو جيڪي ملين، تنهن کي ٿورو يا بڇڙو ڄاڻي، ارها ٿين ۽ چون ته "اسين ههڙا پڙهيل ۽ ڏاها آهيون، هيءَ نعمت اسان جي لائقَ جهڙي ۽ جيتري نه آهي!" ان ۾ هٺ ته هٺ، پر ٻيو ڪفر ٻه آهي -- تنهن لاءِ هڪڙي بزرگ چيو آهي ته "جو ماڻهو ڌڻيءَ جي ڏني کي ٿورو ٿو ڄاڻي، يا ناپسند ٿو ڪري، سو ڪر ڌڻيءَ کي اياڻو ڄاڻي، مٿس کلي ٿو -- انهيءَ تي ڌڻي ٻه ناراض ٿئي ٿو!" هڪڙي ڪامل چيو آهي ته "ڌڻيءَ سڄي هٿ کي مانَ وارو ڪري، سڀوِرن ڪتابن جي ڪٽڻ، ۽ کاڄ جي کائڻ جو ڪم ۽ ٻيا سٺا ڪم مٿس رکيا آهن، ۽ کٻي هٿ کي ٿوري مانَ وارو ڪري، سوجهه يعني طهارت جهڙا اوڻا ڪم مٿس ٺهرايا آهن؛ پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڄي جو ڪم کٻي سان، ۽ کٻي جو سڄي سان ٿو ڪري، ته ڌڻي

ان ڪم ۾ پڻ ڪفر نعمت جو ڇانئي، ناپسند ٿو ڪري!"
تڏهن، جو ماڻهو ڏٺيءَ جي ڏنل نعمت کي ٿورو يا
ججھو ڄاڻندو، تنهن کي ڏٺي ناپسند نه فرمائيندو ڇا؟

ڏونڪو اوڏيتاليهون

سمجهي ويچاري، گهُرج ۽ سمي سارو ڳالهائڻ بابت

ڏٺيءَ هن انسان کي ڪَن ٻه، ۽ جڀ هڪڙي
ڏني آهي، سو ڇو؟ جيڪڏهن ڪَنن وانگي جڀون
ٻه، يا جڀ وانگي ڪَن هڪڙو، يا ٻئي هڪجيترا
ڪري ها، ته ڪي جيڪر نه ڪري سگهي ها ڇا! پر
مطلب هيءُ آهي، جو ٻڌڻ لاءِ ٻه واٽون ۽ ڳالهائڻ
لاءِ هڪڙي ڪئي اٿس، ته ٻُڌجي گهڻو، ڳالهائجي
ٿورو! يعني جيڪي ڳالهائڻو هجي، سو سمي سارو،
گهُرج سارو، سمجهي سمجهي، ڪمي ڪمي ڳالهائجي-
تنهن لاءِ هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙي سياڻي وٽ ڪنهن ڳالهه ڪئي ته فلاڻو
ماڻهو گفتگو تمام چڱي ڪندو آهي، پر هڪڙو عيب
اٿس جو ڳالهائڻ ۾ ويرم گهڻي ٿو لائي، جنهنڪري ٻڌڻ
وارو، گهڻي انتظار کان پوءِ سندس ڳالهه ٿو ٻڌي. سياڻي
اها ڳالهه ٻڌي، هي ٻه بيت پڙهيا:

سخندان پرور کهن روزگار، نگويد سخن پيش از فکر کار.
مزن بي تامل بگفتار دم، نکو گوئي، گر دير گفتي چه غم؟

ترجمو: ڳالهه چائنداڙ جهونو پوڙهو، ڪم جي ڳنڀوت
کان اڳي ڳالهائي. ويچار ڏاران ڳالهه جو دم نه
هڻ، چڱو ڳالهاءِ، جي ويرم لائيندين ته ڇا فڪر؟
۽ هڪڙي سياڻي جو فرمودو آهي ته ڳالهائڻ کان
پوءِ پڇتائجي ته 'ڇا ڳالهايم'، تنهن کان چڱو آهي جو
اڳي ڳڻتي ڪجي، ته 'ڇا ڳالهايان؟'

ٽوٽڪو چاليهون

وقت اجائي وڃائڻ جي منع بابت

هڪڙو پيرو مڙس گُڪو، ڪنڌ هيٺ ڪيو ڌرتيءَ ڏي نهاريندو وتيو ٿي- تنهن کان هڪڙي جوان پڇيو ته "ڇا ٿا ڳوليو!" چي، "ابا، جواني، جا پڄڻ جي همت جي مهل هئي، سا وڃائي اٿم، آها ٿو نهاريان!" چي، "ڌن، پريا مڙس، اوهان جو انصاف! اڄ اوهان کي اوهان جي جواني اهڙي لڀي، جهڙو عنقا جو شڪار ملي، يا پاهڻ مان ڪير ڏيئي، يا واريءَ مان تيل نڪري؛ بلڪ جيڪڏهن سمنڊ سُڪي منجهس رڪ اڏامي، يا سج ٻري پارو ٿئي، يا چنڊ ٽپي باهه ٿئي- ته به ويل جواني هٿ نه اچي! هيءَ جواني ته کٽڻ ڏهاڙن کان وڃائي اٿو، جنهن جو موٽڻ وڏي ڳالهه آهي؛ پر ڪالهوڪو ڏينهن ڦري اچڻ به ممڪن نه آهي!"

سياڻا چوندا آهن تہ "وقت ويو سو ويو، تنهن جي پٺيان جيڪو وقت ڏوڙبو، سو ٻيڻ اجايو ويندو." تنهنڪري، چڱو هي آهي جو ويل وقت جي ڀولا نہ ڪريو، مگر پنهنجن گناهن کي ياد ڪري، لڄ کان ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجو هٿ ماريو، ۽ ڏڍي اکيان ڪنڌ نائي، اڳين گناهن جي معافي گهري، اڳتي لاءِ توبهہ ڪريو، ۽ عبادت ۾ رڌا رهو، ۽ باقي جيڪو وقت رهيو آهي، سو اجايو نہ وڃايو- نہ تہ ارمان کائيندؤ! جهڙيءَ طرح، پوک کي ڪچيءَ ۾ پاڻي ڏجي تہ حاصلات گهڻي ڪري، ۽ جي ڪچيءَ ۾ نہ ملي، تہ پڪيءَ ۾ پاڻي ڏيڻ مان ڀلا، گهڻو نہ، ٿورو ٿي پوي، پر جي پڪيءَ ۾ بہ نہ ملي، تہ لاباري کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ تنهن وانگي، جيڪڏهن جواني پڄڻ ڏاران ويئي، ۽ پيريءَ ۾ پڻ پڄن نہ ڪيو، تہ مئي کان پوءِ ارمان کائڻو پوندو!

مطلب هي آهي تہ وقت کي غنيمت ڄاڻي، پڄن ۾ رڌو رهجي، نہ تہ ويل وقت اهڙو وري هٿ اچي، جهڙو گٿ جو وهيل پاڻي موٽي!

ڏوڻڪو ايڪيتاليهون

دنيا جا ڪي ڪم هڪڙن کي چڱا، ٻين کي ڀڇڙا- تنهن بابت

جهان ۾ ڪي ڪم اهڙا آهن، جن جي ڪرڻ مان هڪڙن کي فائدو، ٻين کي نقصان- جهڙوڪ صبر

اگرچ تمام چڱو ڪم آهي، پر بادشاه لاءِ چڱو نہ آهي. هن ريت، جو جيڪڏهن صبر ڪري ويهي، تہ ملڪ ٻيا وٺي وڃن، پاڻ ٻچڙو ٿي رهي. اهو ساڳيو صبر درويش لاءِ چڱو آهي. جنهن درويش کي صبر نہ هجي، سو بي ايمان سڏجي. تنهن لاءِ هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي تہ "ايمان ٻُت آهي، ۽ صبر مٿو اٿس، جنهن کي مٿو نہ آهي، تنهن کي ٻُت نہ آهي"- تنهن وانگي، جنهن کي صبر نہ آهي، تنهن کي ايمان نہ آهي.

هڪڙي مهاپرش تي ڏٺيءَ جي پاران آڪش واٺي ٿِي تہ "منهنجي لڇڻ وارو ٿيءُ، ۽ منهنجي لڇڻ مان هڪڙو هيءُ آهي، جو 'صابر' آهيان. ٻيو، 'شرم' پڻ چڱو آهي"- پر جيڪڏهن ڪڇري ڪري، تہ ٻڪ مري! چاڪاڻ جو هن جو پيٽ-قوت راڳ ۽ ناچ مان ٿئي ۽ شرم واري اهي ڪٿان ڪري سگهي؟ تنهن لاءِ هيءُ مثال ياد آيو آهي:

"اڳين ڏهاڙن ۾، هڪڙي شهر جي حاڪم جي دل ۾ آيو تہ 'شهر ۾ ڪڇريون جي بيشرميءَ جي ڪمن تي گذران ڪن ٿيون، تن کي لڏائي ڪڍجي تہ وڃي شرافت جي ڪيرت ڪن'. ڪڇرين اها ڳالهہ ٻڌي، سي سڀيئي گڏجي وٽس آيون، ۽ سندس موڪل مان هيءُ بيت ڳايائون:

درکوي نيکنامي مارا گذر ندادند-
گر تو نمي پسندي، تغير کن قضا را!

ترجمو: چڱ - ماڻهپيءَ جي گهٽيءَ ۾ اسان کي لنگهڻ نہ ڏناءُون - جي توکي نٿو وڻي، تہ ڏٺيءَ جو حڪم ڦيراءِ!

حاڪم اهو بيت ٻڌي، ڏٺيءَ جي در جانڻو پري، چيو تہ ”هنن جو روزگار ڏٺيءَ ان بيشرميءَ ۾ جوڙيو آهي، تن کي چوڻ ڪار نہ آهي!“

اهو ساڳيو شرم جيڪڏهن اشراف عورت نہ ڪري، تہ گلاري ٿئي، ڇاڪان جو اشراف عورت کي رکي ڏاڍي ڳالهائڻ کان ٻڻ منع آهي! تنهن تي فارسي بيت آهي:

در خرّمي بر سرائي ببند،
کزو گفتہءِ زن بر آيد بلند.

ترجمو: ان حويليءَ جي خوشيءَ جو در بند ڪر، جنهن مان زال جو ڳالهو ڏاڍو ٻڌجي!-

تنهن وانگي، دولت چڱي شئي آهي، پر درويش کي گڏ ڪرڻ وڏو ڪلنڪ آهي - تنهن لاءِ هڪڙي ڪامل، جو چوڻ آهي تہ ”جو درويش دولت گڏ ڪري، سو بيعقل، جو دولت لاءِ دشمني ڪري، سو بيعلم، جو درويش دولت لاءِ حسد ڪري، سو خدا جي حڪم جو نہ مڃيندڙ، ۽ جو دولت لاءِ ڪنهن وٽ هلي وڃي گهري، سو خدا جي سخاوت تي بي اعتبار.“

هڪڙي بزرگ فرمايو آهي تہ ”جو درويش دولت گڏ ڪندو، سو مرڻ مهل ڪي ارمان ساڻ نيندو، هڪڙو گڏ ڪيائين، پر ڏو ڪري نہ ڪاڏائين، بيو

جا اميد هيس، سا پوري نہ ڪيائين؛ ٻيون پرلوڪ
جو ڪم پورو نہ سڌاريائين."- تنهن تي پنجابي هڪڙو
ٻهاڪو آهي:

"ڏي گيا، سولي گيا؛ ڇوڙ گيا سو ٻوڙ گيا"

يعني جو ڏٽيءَ جي نالي ڏيئي ويو، سو ساڻ وٺي
ويو، ۽ جو ڇڏي ويو، سو ٻوڙي ويو!

پڻ هڪڙي مهاپرک جو فرمودو آهي تہ "جو
درويش دولت ڏي منهن ڪندو، سو خدا کان پٺيرو
رهندو."- تنهن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ دنيا لاءِ دين
وڃائيندو- اهڙي لاءِ فارسيءَ واري بيت چيو آهي:

مبادا دلِ آن فرومايه شاد،
که از بهرِ دنيا دهد دين بباد.

ترجمو: اهڙي مورک جي شال دل خوش نہ هجي،
جو دنيا واسطي دين وڃائي.

اها ساڳي دولت، ٻچڙيوال کي ڪڏ ڪرڻ فائدو
آهي، ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن وِلهو هوندو، تہ اولاد
جي پالنا ڪٿان ڪندو؟ پالنا ڪرڻ مٿس حق آهي-
۽ سندين شاديون مراديون ۽ ٻيا عيالداريءَ جا وهنوار
ڪيئن ٿيندس، جن جي مرجات ۾ ٻڌل رهي ٿو؟ تنهن
لاءِ فارسي ٻهاڪو آهي تہ:

"عيالدار بي زر، همچو مرغ بي پر!"

يعني ٻچڙيوال ڏن ڌاران اهڙو آهي، جهڙو ڪنهن
ڌاران پکي!

تنهن کان سواءِ، جڏهن درويش کي دولت ڪڏ
ڪرڻ جي منع آهي، تڏهن انهن جي خدمت پڻ

عيالدارن تي حق ٿيي، ۽ اهي کان آها خدمت ڇا ٿيندي؟ ۽ پڻ سياڻا چوندا آهن ته "عيالدار پنهنجي ۽ ٻچن جي پيٽ قوت لاءِ حيران هوندو، تنهن کان پڇڻ يا خيرات ڪيئن ٿي سگهندي؟" تنهنڪري جيڪڏهن دولت ڪي ست-ڌرم جي رستي سان ميڙي، سيل ۽ سنگم سان هلائيندو، ته ٻنهي جهانن جو فائدو ائس-تنهن لاءِ فارسيءَ واري جو بيت آهي:

تونگر، چو دلي جمع و ڪامرانت هست،
بخور و ببخش، ڪه دنيا و آخرت بردي!

ترجمو: اي ونهيان، جڏهن تنهنجي دل يڪجاءِ ۽
مرادن پٺل آهي، تڏهن کاءُ ۽ ڏيءُ جي
نالي ڏي، ڇو جو ٻنهي جهان کٽيا ائي!

ڏوڏڪو ٻائيتاليهون

دولت جي هئڻ يا نه هئڻ مان ڏک بابت

دولت ٻن طرحين ڏکدائيي آهي-هن ريت، جو جنهن وٽ نه آهي، سو سندس گڏ ڪرڻ لاءِ ڏک پاپ پٽيندو وتي، جنهن وٽ آهي، سو سندس سانڍڻ سنڀالڻ ۾ ڏکيو! جيئن ته فارسيءَ وارو چوي ٿو:

اگر دنيا نباشد، دردمندم،
وگر باشد، بمهرش پاي بندم!

ترجمو: جي دولت نه آهي ته ڏکي آهيان، جي
آهي ته سندس محبت ۾ قائل آهيان!

تڏهن پڌرو ٿيو، ته دولت کي اهي ٻئي مرض
لڳل آهن. پر ڌڻيءَ سڀني مرضن جي دوائن جوڙڻ
۾ ڪهٽ ڪين ڪيو آهي - جهڙو عربيءَ ۾ ڪلام
آهي ته "خالق الڪل داء دواء" يعني جوڙيون اٿس
سڀني ڏوارن جون ٻُڪيون - تڏهن هن مرض جا علاج
نه جوڙيا هوندائين ڇا؟ بيشڪ جوڙيا اٿس! ٻُڌ، آهي
هي آهن: ڀريائين اڻهوند جي سڀني کان چڱي دوا
'صبر' آهي، جو صبر وارن تي هميشه ڌڻي مهربان
رهي ٿو - ڀلا جنهن تي ڌڻيءَ جي مهرباني، سو ڏکي
ڇو رهندو؟ هڪڙي ڪامل کان پڇيائون ته "سڀاڳيا
ڪهڙا لڇڻ ڌارين؟" چي، "اڻهوند ۾ صبر ڪن، ۽
هوند ۾ شُڪر!"

ٻي هوند جي مرض جي دوا، هڪڙو شُڪر ٻي
سخاوت. جنهن کي اهي ٻ آهن، سو ڌڻيءَ کي گهڻو
وڻي، ۽ ان جي دولت اجائي نه وڃي. هن ريت،
جو دولت اهڙي شئي نه آهي، جا سدائين هڪڙي
وٽ رهي، پر جيڪڏهن سُڀ مارڳ هلي چلي ته
هيت ٻه سک ڏئي، پرلوڪ جو پڻ ثمر ٿئي - تنهن لاءِ
هڪڙو مثل آيو آهي:

هڪڙي غريب گهڻا ڏهاڙا هڪڙي سچي درويش
جي ٽهل ڪئي، تنهن راضي ٿي چيس ته "دين ۽
دنيا - ٻنهي مان هڪڙو گهُر ته ڏيانءِ." چي،
"دنيا!" چي، "ڙي، دنيا ڪڪر جي ڇانو وانگي
ناپائدار، بيوفا، دورنگي، ڪنهن سان نيهه نه ٿي،

آهيا ٽو ڳهرين، ۽ ڏين جنهن مان لوڪ-پرلوڪ جو سک، سو ٽڻو ڳهرين؟" چي، "سائين، تڏهين جيڪا اوهان جي خوشي." درويش چيو ته "مون تو سان ٻول ڪيو آهي، ته جا شئي ڳهرندين سا ڏيندو سانءِ." نيٺ درويش، سندس مرضيءَ موجب، دولت جي واڌاري جي دعا ڪيس ۽ ويندو رهيو. خدا جي حڪمت سان، درويش جي دعا اگهاڻي ۽ غريب وٽ دولت گهڻي اچي گڏ ٿي. پر اُن تنهن دولت مان پنهنجي هٿاهٿيءَ ڪا توري لاتي، مگر گهڻي سڀ خدا جي واٽ ۾ لاتائين: ڪٿي ڪٿي پاسي طرح طرح جا سدا ورت جاري ڪيائين، ڪٿي پاسي مسافرخانا ۽ خيراتي کوهه، تلاءَ ۽ رستا جوڙائي ڇڏيائين، ۽ ٻيا ٻڻ گهڻن طرحن جا اهڙا ڪم ڪيائين، جن مان خلق جو سک ٿئي.

حاصل ڳالهه جو، ته هڪڙي ڏهاڙي درويش ساڳيو، گهمندي ڦرندي اتي اچي نڪتو، ۽ اهو حال ڏسي ڪلي چيائينس جو "ڏاڍو ڀڪو آهين: گهر ٻئي هڪڙي شئي، ورتئه ٻي!" مطلب ته جا دولت چڱي رستي هلندي، سا ٻنهي جهانن جي سک جو سبب آهي.

ٽوڏڪو ٽيتاليهون

ٿوري ڪائڻ جي سارهه ۽ گهڻي ڪائڻ جي گلا باٻت

ٿورو ڪائڻ ڪاملن جو اڄڃ آهي، ۽ گهڻو ڪائڻ ميرن جي عادت: پر ايترو ٿورو به نه، جو هيڻائيءَ

۾ مري وڃجي، ۽ ايترو گهٽ به نه، جنهنڪري پيٽ
ڦاٽي! جهڙو، هڪ بزرگ چيو آهي:
نه چندان بخور کز دهانت بر آيد،
نه چندان که از ضعف جانت بر آيد.
ترجمو: نه ايترو کاءُ جو وات مان نڪري اچي، نه اوترو
جو هيٺائيءَ کان مرين!
مگر، اهڙيءَ نيت سان کائجي، جو پنهي زيانن
کان بچاءُ ٿئي. انهن ڪرڻ مان گهڻا فائدا آهن.
هڪڙو هيءُ، جو ٿوري کائڻ واري جي طبع سالم
رهندي، ۽ طبيب جو لاڏ ڪڏهن نه پوندس.
مثل — هڪڙي بادشاه، مديني جي ماڻهن جي
سٺيءَ ڦڪيءَ لاءِ، هڪڙو طبيب مسلمانن جي نبي صاحب
جي خدمت ۾ موڪليو. هو گهڻا ڏيهاڙا اتي رهيو،
پر دوا جي بهاني ڪنهن نهاريس به ڪين. اها ڳالهه
نبي صاحب جن کي پڌايائين، تنهن فرمايو ته ”هنن
ماڻهن جي عادت آهي جو جاسين بک ڏاڍي نه لڳين،
تاسين کائن نه ويهن، اڃا بک هجين، ته اٿي کڙا ٿين.“
طبيب چيو ته ”اهو طبع جي سلامتيءَ جو سچو سبب
آهي!“ هڪڙي حڪيم جو قول آهي ته ”ڪاچن ۾
ڏاڙهون تمام فائدي وارو آهي، ۽ گوشت سڪل
تمام مضر، پر ڏاڙهونءَ کٽي دائن کان به گوشت
سڪل ٿورو کائڻ چڱو آهي!“
ٻيو هيءُ، جو ٿوري کائڻ واري کي بندگيءَ جي
فرصت لهندي، ۽ گهٽي کائڻ وارو ننڊ کٽي ڪندو.

ننڊ مان مستي، مستيءَ مان دل ڪاري ٿيندي‌س، ۽
عبادت کان ڏلهو رهندو. تنهن تي فارسي بيت آيا آهن.
اندرون از طعام خالي دار، تا درو نور معرفت بيني
تهي از حڪمتي بعلّت آن، ڪه پُري از طعام تا بيني!
ترجمو: ڪاچ کان اندر واندو رک، ته منجهس معرفت
جو سوجهرو ڏسين؛ هن مرض ڪري حڪمت کان
ڏلهو آهين، جو نڪ تائين ڪاچ سان پريل آهين!

پڻ ڪاملن فرمايو آهي ته "ٿورو کاءُ، متان معرفت
جو سوجهرو اندر مان اجهامي وڃيئي؛ ڇا کان جو ٿورو
کائڻ پاڻ 'معرفت' آهي، ۽ معرفت بهشت جو رستو
بلڪ بهشت جو دروازو آهي!"

ٿيون، ٿوري کائڻ وارو، اهنجيءَ مهل ۾، گهڻي
کائڻ واري کان بک جو بار واڌو ڪٽي سگهندو—
تنهن تي فارسي واري چيو آهي:

چو ڪم - خوردن طبيعت شد ڪسي را،
چو سختي پيشش آيد، سهل گيرد؛
وگر تن پرور است اندر فراخي،
چو تنگي بيند از سختي بميرد!

ترجمو: جڏهن ڪنهن کي ٿوري کائڻ جي عادت ٿيي
تڏهين آهنجي اڳيان اچيس ته سهنجي لڳيس؛
جيڪڏهين سهنجيءَ ۾ بُت پاليندڙ هوئي،
جڏهن آهنجي ڏسي، ته ڏک ۾ مري!

چوڻون، ٿوري کائڻ واري کي گهرج ٿوري ٿيندي،
۽ قرض ڪڍڻو نه پوندس، جو قرض ڪوڙهه جو ليکو

آهي. تنهن تي هڪڙي ڪامل چيو آهي ته "آءٌ ڪنهن کان قرض ڪين گهُران، جي ضرور ڏني، ته پنهنجي پيٽ کان گهُران."- يعني 'ٿورو کاوان، يا ان مهل سور ڪين کاوان!'

پنجون، گهٽ-کائڪ ماڻهو، شيطان جو مغلوب رهندو ۽ شيطان مٿس غالب- بزرگ هڪڙي چيو آهي ته "شيطان هڪڙو ڪتو آهي ۽ ڪتو گهڻي کاڄ کاڌي، حرامزادائي ڪري، ٿوري کاڌي، ڪُونڊرو ٿئي!"

ڇهون، ٿورو-کائڪ ماڻهو پنهنجي پيٽ ۽ مَن تي وس وارو ٿيندو، تنهن کي خيرات ڏيڻ سولو لڳندو، ۽ خير سندس لاءِ وڏو فائدو ڪندو. تنهن لاءِ هڪڙي سائينءَ والي چيو آهي ته "جيڪي پيٽ ۾ کائبو، تنهن جي رکڻ جي جاءِ پٽيءَ ۾ آهي؛ جيڪي خيرات ڏبو، تنهن جي رکڻ جو هنڌ ڏاتيءَ جي مهربانيءَ جو هٿ آهي." هڪڙي الله والي، ڪنهن شخص جو پيٽ ٿلهو ڏسي چيو ته "جيڪي هن ۾ وڌو اٿس سو پٽيءَ ۾ ويندو، ڪيس ڪم ڪين ايندو: جي آهو ڏاتيءَ جي نالي ڏني ها ته جيڪر پرلوڪ ۾ ڪم اچيس ها- پر جي ايترو ڇاٽي ها، ته گهٽ-کائڪ نه ٿئي ها!"

ٽڪو چوئيتاليهون

نرت جي ساراهه ۽ هٿ جي ڪلا بابت

سائين لوڪ هڪڙي کان پڇيائون ته "اهو ڪهڙو ڪم آهي، جو درويش ۽ دولتمند ٻنهي کي ڇڱو؟"

چي، "نئڙت." چي، "اهو ڪهڙو ڪم آهي، جو پنهنجي کي ٻيڙو؟" چي، "هٺ."- واه، سائين لوڪ، واه! ان ڳالهه ۾ ذرو ڦير به نه آهي. سچ، نئڙت ڪم بزرگن جو آهي؛ ۽ هٺ ڪم شيطان جو: نئڙت وڏي فائدي وارو ڪم آهي، ۽ هٺ وڏي ڇيهي وارو- تنهن لاءِ فارسيءَ واري چيو آهي:

تواضع سر رفعت افرازدت، تکبّر بخاک اندر اندازدت.

ترجمو: نئڙت تنهنجي وڏائيءَ جو مٿو وڌائي؛ هٺ توکي مٽيءَ ۾ ڪيرائي.

پڻ هڪڙي ڪامل جو فرمودو آهي ته "نئڙت وارو مڙهو خدا کي وڻي، درويشن کي وڻي، دولتمندن کي وڻي- مگر شيطان کي نه وڻي؛ ۽ هٺيلو خدا کي نه وڻي درويشن کي نه وڻي، دولتمندن کي نه وڻي- مگر شيطان کي وڻي!" هڪڙي بزرگ جو چوڻ آهي ته "جنهن نئڙت ڪئي، تنهن جو ڌڻيءَ مان وڌيو؛ جنهن هٺ ڪيو، تنهن کي ڌڻيءَ بيمانو ڪيو."

هڪڙي سياڻي چيو آهي ته "اُن کي رحمت آهي، جو نياز ڪري، پر نه اُسرنديءَ سان."- تنهن جي لاءِ سنڌي پهاڪو آهي ته "اُسرنديءَ سڀڪو نمري، ڪرو ڪو سرنديءَ نمري!" ۽ شاباس آهي اُن کي، جو ٻچن لاءِ ڪاڏو گذ ڪري، پر نه حرام جي ڪمائيءَ سان! هڪڙي ڪامل تي ڌڻيءَ جي پاران آڪاس وائي ٿي ته "جيڪو منهنجي وڏائيءَ اڳيان نئڙت ڪندو، ۽ منهنجي خلق اڳيان هٺ نه ڪندو، تنهن جو ٻچن مون کي وڻندو."

هڪڙي حڪيم جو لطيفو آهي ته "هڪڙو ماڻهو آچا چانور، کھٽو ڪيھ ۽ مصالحو وجھي پلاءُ رڌي، ۽ منجھس لوڻ نه وجھي ته پلاءُ ڦڪو ٿي پوي، ۽ جي گهرج کان واڌو لوڻ وجھي، ته ڪارو - تنهن وانگي، جنهن ماڻهوءَ کي دولت، وڏائي ۽ سونهن هجي ۽ نئرت نه هجي، سو الوٽي پلاءُ وانگي ڦڪو، ۽ جي هٺيلو هجي، ته کھٽي لوڻ واري پلاءُ وانگي ڪارو يعني بيسوادي." هڪڙي مهاپرش فرمايو آهي ته "جو ماڻهو دولت هوندي سخاوت ڪري، سونهن هوندي ڪيڏي ڪري، وڏائيءَ هوندي نياز ڪري - ڏٺيءَ جي دفتر ۾ اُن جو نالو معتبرن ۾ لکجي."

هڪڙي ڪامل کان پڇيائون ته "هٺ ڇا آهي؟" چي، "پاڻ کي ٻئي کان چڱو ڄاڻڻ - پر اهو لڇڻ، خدا ۽ انسان جي وچان ٻنڌ آهي: منجهانئس ٻيا بڇڙا لڇڻ ڄاپن ۽ چڱا لڇڻ مرن". تنهن تي گرونانڪ صاحب جو وچن آهي:

آپس ڪون جو ڀلا ڪهاوي، تهسين ڀلائي نڪٽ نه آوي.

ارٿ: پاڻ کي جيڪو چڱو چوائي، تنهن کي چڱائي ويجهي نه آهي.

وري پڇيائونس ته "نئرت ڇا آهي؟" چي، "پاڻ کي ٻئي کان بڇڙو ڄاڻڻ - اهو لڇڻ خدا جي ملڻ جي واٽ آهي، ۽ منجهانئس ٻيا چڱا لڇڻ ڄاپن ۽ بڇڙا لڇڻ مرن." تنهن لاءِ، گرونانڪ صاحب جو وچن آهي:

آپس ڪون جو ڇاڻي نيچا، سوئو گني سڀ تي اوچا.
ارٿ: جيڪو پاڻ کي ٻچڙو ڇاڻي، سو سڀني کان چڱو ڳڻجي.

حاصل ڳالهه جو هيءُ، ته هٽ هڪڙي ڏاڍيءَ پاڪ کي جڳائي، ۽ ڪنهن ڪم ۾ ساڻس برابري ڪرڻ پاڻ لاءِ خرابيءَ جو ٻج پوکڻو آهي. جهڙو، بادشاهه جو پانهو بادشاهه جي تخت تي چڙهي ويهي، يا سندس ڇٽ مٿي تي رکي، ته ڪهڙو ڦل پائي؟ ۽ نياز ڪرڻ بلڪل ڪپي، جو ڏاڍيءَ کي وڻندڙ ۽ بهشت ۾ پهچائيندڙ آهي- هن فارسي بيت وانگي:
تواضع کليد ِ در ِ جنت است، سرفرازي و جاه را زينت است.
ترجمو: نياز بهشت جي در جي ڪُنجي آهي، وڏائيءَ ۽ منصب جو سينگار آهي:

ڏونڪو پنجيتاليهون

دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جي بيان بابت

سياڻا چوندا آهن ته "دوستي جيتري گهڻي هجي اوتري ٿوري ڄاڻجي، ۽ سندس وڌائڻ جو آدم ڪجي؛ دشمني جيتري ٿوري هجي اوتري گهڻي ڄاڻي، ۽ آن جي دفع ڪرڻ جو سعيو ڪجي.

(دوستيءَ بابت)

دوستي پنجن طرحن جي آهي:
هڪڙي، 'دولت جي دوستي'- جنهن مان کائڻ، پيئڻ، پهرڻ جا سک ۽ عيش ۽ ارحتون ۽ پيا پيدا

ٽين ـ سا چڱي، پر منجهس هيءَ عيب، جو سندس گذ
ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۾ ڏاڪڙو وڌو، ۽ سڀ مارڪ ۾ نه
هلي چلي، ته مرڻ مهل ارمان ڏيندي ۽ ساڻ ڪين
هلندي. تنهن تي گرونانڪ صاحب جو وچن آهي:

سنگ نه چالس تيري ڏنان، تون ڪيون لپٽاو و مورک منان؟

ارٿ: دولت توسان ساڻ نه هلندي، مورک مَتَ!
ڪيس چو چنبڙيو آهين؟

ٻي، 'ٻڌت ۽ سندس چڱيلائيءَ جي دوستي' ـ جو جهان
جا گهڻا ڪم ساڻن آهن، پر اها به وڌ ڪان واندي
نه آهي، جو بيماريءَ مهل طبيب جو لاڏ ڪٽڻو پوي،
پوءِ به چڻڻ نه چڻڻ خدا جي وس؛ پر جي چڻي به ڪٽي،
ته به نيٺ مرڻي وٽ: جنهن مهل وڃڻ واري ٿيندي،
تنهن مهل ويندي ته ويندي، پر موڪلائيندي به ڪين!
تنهن تي گرونانڪ صاحب فرمايو آهي:

جو تن نثي اپنو ڪر مانيو ارُ سندر گره ناري،
اِن مين ڪڇ تيروي ناهن ديکو سوچ وچاري!

ارٿ: جو ٻڌت ۽ چڱو گهر ۽ زال پنهنجا ڄاڻا اٿئي، انهن
۾ تنهنجو ڪي به نه آهه، ويچار ڪري ڏس!

ٽيون، 'پٽن پوٽن جي دوستي' ـ جن مان ننڍي پڻ
جا لاڏڪوڏ ڏسي دل کي فرحت اچي، پوءِ منجهس
پيريءَ مهل خدمت جي اميد رهي، ۽ مرڻ پڄاڻا پوءِ
پڙهيڻ جي نالي باقي رهڻ جو سوس؛ پر تنهن ۾ به
ويڪ آهي ـ هيءَ، جو ٻهرباڻين سندن نياڻي جو ڏاڪڙو،

ڀوءِ جيڪڏهن نيڀالڻو ٿيا ته مورکي دل جي جهٽڪ جهٽڪ، ويتر جهڙي ٻيءَ کي ڀاڳيو ڏسندا، ته تنهن کي مارڻ لاءِ سندس مرڻ لاءِ سڪائون ڪندا! ڀر جي صالح ٿيندا ته به مرڻ مهل تيري ڪانه ڏيندس! ان بابت ڀڻ گرونانڪ صاحب جو چوڻ آهي:

تن سي ڀران هوَت جب نياري، ٿيرت ڀريت پڪار،
اڌ گهري راکي نه ڪوئو گهر تي ديت نڪار.

ارٿ: جڏهن ٻت مان ساهه وڃي، تڏهن ڀوت ڀوت
ڪري چون، اڌ گهڙي به نه رکن، گهر کان
ڪڍي ڇڏين!

چوٿين، ’مٺن ماڻهن جي دوستي‘ - جي ڪنهن ماڻهوءَ جا ڪنهن ڪنهڙانيون آهن، ۽ اوير سوير منجهن ڪم اچڻ جي اميد رهي ٿي. اها به عيبدار آهي - هن ريت، جو جاسين دولت هوندي، تاسين رءِ جهڙا خيرخواه رهندا، پر دولت وڃڻ پڇاڻا اهي ساڳيا ئي چال ڏيکاري پڇي پري ٿيندا! تنهن تي ٻڻ گرونانڪ صاحب جو فرمودو آهي:

سک ۾ آءِ بهت مهل بيٺت، رهت چهون دس گهيري،
ڀيت پري سڀهون سنگ ڇاڏت، ڪوئو نه آوت نيڙي!

ارٿ: سک ۾ گهڻا ڳڏ ٿي چوڌاري ويڙهي ويهن،
آفت پئي سڀ ڇڏي وڃن، ڪو ويجهو نه اچي!

پنجين، ’سهڻن سهڻن ماڻهن ۽ ڳلن جي دوستي‘ - جنهن مان اکين ۽ دل کي وڏو سواد اچي، پر اها ٻڻ عيب کان واندي نه آهي. هن ريت، جو ماڻهوءَ

جو، سونهن ٻالاپڻ واري جوانيءَ ۾، جوانيءَ واري پيريءَ ۾ نہ رهي. تنهن وانگي گلن جي سونهن پڻ بي بقا، جو بهار کان پوءِ ڪنڊا ڪک ٿي وڃي!

مطلب هي تہ جو جڏهن معلوم ٿيو تہ اهي دوستيون ڏسڻ ۾ چڱيون چاڙجن ٿيون، پر منجهن عيب گهڻا ۽ فائدو بلڪل ڪونہ، تڏهن سياڻي کي گهرجي تہ جو بي عيب ۽ گهڻن فائدن وارو هجي، تنهن سان دوستي رکي.

آهو تہ هڪڙو ڏٿي پاڪ آهي، تنهن جي دوستي سڀ کان چڱي آهي- هنن پنجن سببن ڪري:

پهريون، دولت ۽ مال ڏٿيءَ جي توهہ سان ملي ٿو- جيڪڏهن ان سان دوستي هوندي، تہ اها دولت اهڙي مجائي رستي خرچ ٿيندي، جنهن مان هت نيڪنامي، هٿ سگهي ٿي. ٻيو، ٻُت ۽ سندس هٿ سچو، پڻ ڏٿيءَ جي ڏنل هڪڙي نعمت آهي، ۽ ڏٿيءَ جي دوستيءَ جي برڪت سان بدن سالم ۽ صحت قائم رهندي، ۽ خدا نہ ڪري ڪڏهن ڪا بيماري ٿي، تہ بہ ان دوستيءَ جي طفيل سان، ٻين وانگي گهڻي زحمت ڏسڻ ۾ نہ ايندي. ٽيون، ٻڌن پوڻن جي ڏيڻ وارو ڏٿي پاڪ آهي- جي سائس دوستي هوندي تہ اهي بہ صالح سپاٽ ٿيندا، تہ آٿڻ کان چڱي عبادت بي اوني ڪري سگهبي. چوٿون، ميڻن مائٽن جي ٻريت جنهن نعمت سان لاڳو آهي، سا نعمت پڻ ڏٿيءَ جي ڏنل- جي ان ڏيندڙ سان دوستي هوندي تہ ان نعمت

جو زوال نہ ٿيندو، ۽ اهي ساڳيا هميشه پريتم ۽ خيرخواه رهندا. پنجون، ماڻهن ۽ گلن کي ٻه سونهن ڏٺيءَ پاڪ جي ڏنل آهي؛ تڏهين ڪاريگر کي وساري ڪاريگريءَ سان دوستي رکڻ ڪيڏي نہ ڀل آهي! فارسيءَ وارو چوي ٿو:

هر کجا نقشي نکو بيني بر آن مائل مباش،
نقش را از دل رها کن، عاشق، نقاش باش!

ترجمو: جاتي چيٽ سهڻو ڏسين، تنهن تي عاشق نہ ٿيءُ،
چيٽ کي دليان ڪڍ، چيٽ واري تي عاشق ٿيءُ!

حاصل ڳالهه جو هيءُ تہ ڏٺيءَ جي دوستي سڀني پارين چڱي آهي.

(دشمنيءَ بابت)

جڏهن خدا سان دوستي پڪي ٿي رهي، تڏهين دل جي اوندهہ لهي سوجهرو ٿيندو، ۽ دشمنيءَ جي پاڙ دل مان پنجي ويندي، ۽ ڪو دشمن ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندو- جهڙو گرونانڪ صاحب جو وچن آهي:

من اپني تي برا مٽنا، پيکي سکل سرشت ساجنا.

ترجمو: پنهنجي دل مان بڇڙائي وڃي، تہ سڄو جهان سڄڻ ڏسڻ ۾ اچي.

مگر هڪڙو شيطان، جو سڄي جهان جو ويري آهي- تن مان درويشن جو جاني دشمن- تنهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي؛ تنهن جي دفع ٿيڻ لاءِ هي بس آهي، جو ٻڌس صلاح نہ مڃجي، ۽ جيڪي

چوي سو نہ ڪجي-- جھڙو فارسيءَ واري جو
چوڻ آهي:

حذر کن ز آنچه دشمن گوید آن کن،
که بر زانو تهي دست تغابن.
گرت راهي نماید راست چون تیر،
ازو برگرد راهِ دستِ چپ گیر.

ترجمو: جو ڪم دشمن چوي تہ ڪر، تنهن ڪم کان
پاسو ڪج، نہ تہ گوڏن تي ارمان جا هٿ هڻندين.
جيڪڏهن تير جهڙي سنڌي واٽ ڏيکاريئي، تہ بہ
تنهن کان منهن موڙ ۽ کٻي هٿ واري واٽ وٺ.

ڇونڪو ڇائيتاليهون

چڱن ۽ بڇڙن اڇڻن جي بيان بابت

هڪڙي درويش ڏاڏيءَ جي درٻار ۾ وينتي ڪئي
تہ "بڇڙن تي توجہ ڪر!" تنهن کان پڇيائون تہ
"اها دعا چڱن لاءِ ڇو نٿو گهرين؟" چي، "ابا،
جهاڙ تنهن ڪي وجهجي جنهن کي ٻلا کائي- ۽
بد اڇڻا ماڻهو پنهنجي اڇڻن جي ٻلا ۾ ورتل آهي،
پر دوا ان جي ڪجي، جو روڳي هجي- ۽ هو
ويچارو پنهنجي اڇڻن جي روڳ ۾ اڙيل آهي،
تنهنڪري ان لاءِ دعا گهران ٿو ۽ چڱن کي ڏاڏي
توجہ ڪري چڱو جوڙيو آهي، تن کي منهنجي دعا
جي گهرج ڪهڙي آهي؟ ڇاکان جو هنن جا چڱا
لڇڻ سندن لاءِ دعا آهن، جهڙيءَ ريت هڪڙو

ماڻهو اڳي سهڻو هجي، تنهن کي ڪو مٿيان نه پائي ته به سهڻو ٿي رهندو!" ان تي فارسي واري چيو آهي:

انگشتِ خوبروئي و بناگوشِ دلفريب،
بي گوشواره خاتمِ فيروزه شاهد ست!

ترجمو: سهڻي انسان جي آڱر ۽ ڪَن جي پاپڙي، فيروزي جي مُنڊيءَ ۽ پَنڙي ڌاران به سونهن!

۽ پڻ هڪڙو مثل آهي، جو هڪڙي بزرگ مُنڊي ڪِني هٿ ۾ پاتي هئي، تنهن کي چيائون ته "سڄو هٿ سڳورو آهي، تنهن ۾ ڇو ٽڪو پائين؟" چي، "ان کي ڪهڙو ضرور، جو پاڻ سڳورو آهي!"

حاصل ڳالهه جو ته ماڻهوءَ کي چڱا لڇڻ وڏي چڱائي آهي، جو خدا مٿس هميشه مهربان رهي ٿو. تنهن لاءِ هڪڙي ڪامل فرمايو آهي ته "چڱا لڇڻ هڪڙي عبادت آهي، جنهن هوندي گناهه زيان نه ڪن؛ ۽ بڇڙا لڇڻ هڪڙو پاپ آهي، جنهن هوندي ٻچن فائدو نه ڪري."

هڪڙي مهاپرش ڳالهه ڪئي ته "هڪڙو ماڻهو مون تسي ڪنڌ رکيو موڙهه سوڙهه ڪيو ويٺو هو، چاڪان جو خدا ۽ سندس وچان پردو هو، ته سندس لڇڻ چڱا آيا، تن پردو لاهي ڌلي سان ملايس."

هڪڙي بزرگ فرمايو آهي ته 'چڱا لڇڻ عبادت کي اهڙو سڌارين، جهڙو ڪنهبي کي ليمون،

۽ ٻچڙا لچڻ پچڻ کي اهڙو خراب ڪن، جهڙو ڪير ڪي سڙڪو." پڻ هڪڙي سائين لوڪ جو چوڻ آهي ته "جنهن کي ڏٺيءَ مٺنهن موچارو ۽ لچڻ چڱا ڏنا آهن، تنهن کي دوزخ ڏي ڪين موڪليندو!" تنهنڪري گهرجي ته ٻچڙن لچڻن کان پاسو ڪري، چڱن سان وهنوار رکجي.

ٽونڪو ستيتاليهون

دنيا جي بيوفائيءَ بابت

هڪڙي بادشاهه پنهنجي وزيرکي چيو ته "بادشاهي چڱي، پر جي زوال نه هجيس ها!"- هن بيت وانگي:

سودِ دريا نيک بودي، گر نبودي بيمِ موج،
صحبتِ گل خوش بود گر نيستي تشويشِ خار!

ترجمو: دريا جو فائدو چڱو، پر جي لهر جو ڊپ نه هجي ها! گل جي صحبت چڱي، پر جي ڪنڊي جي پريشاني نه هجي ها!

وزير هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته "جيڪڏهن ائين نه هجي ها، ته تووٽ بادشاهي ڪيئن اچي ها!" تنهن تي بيت آيو آهي:

عالم گيتي، که تمنا کنم،
با که وفا کرد که باما کند؟

ترجمو: جهان جي دولت تي جو مدو رکان- سو ڪنهن سان وفا ڪئي آهي، جو اسان سان ڪندي!

مطلب هي ته آهي ته دنيا هڪڙي هنڌ نه رهي، ڪڏهن ڪنهن سان ڪڏهن ڪنهن سان پريت رکي- تڏهن ان سان پريت رکڻ ڪيڏي نه ڀُل آهي؟

سياڻا چوندا آهن ته "دولت هڪڙو زهر آهي"- جهڙو سنکيو، هڙتال، پارو، شنگرف ۽ ٻيا، جن جي کاڌي ماڻهو مري پوي- پر حڪيم انهن زهرن کي حڪمت سان اهڙو ڪري، جن جي کائڻ سان ڳڻ ٿئي. تنهن وانگي، دولت جي زهر لاءِ حڪمت هيءَ آهي، جو مٿس باور نه ڪري، چڱي رستي، خدا جي نالي هلائجي، ته وِڪَ سان انبرت ٿي پوي، ۽ منجهانئس ٻنهي جهانن جو فائدو ٿئي، ۽ گهڻا ڏهاڙا موچارو نالو جهان ۾ رهي. تنهن لاءِ، هيءَ مثل آيو آهي:

"هڪڙي شخص کي پيءُ جي ميراث مان گهڻي دولت هٿ لڳي، تنهن کي خدا جي واٽ ۾ چڱن ڪمن ۾ هلائڻ لڳو. هڪڙي دوست چيس ته 'تنهنجي وڏڙن هيءَ دولت ڏاکڙن سان گڏ ڪري ضروري گهرج لاءِ رکي آهي، تون ان کي اڏائين ٿو!' تنهن کي چيائين ته 'پرلوڪ جي ثمر جهڙي ٻي ضروري گهرج ڪهڙي آهي؟ جيڪي هيت خدا جي واٽ ۾ ڏبو، سو هٿ ملندو، ۽ ڏٺيءَ مون کي هن دولت جو مالڪ ڪيو آهي خرچڻ لاءِ، نه واهي ڪيو اٿس سنڀالڻ لاءِ! هلائڻ چلائڻ نيڪناميءَ جو وسيلو، ۽ رکڻ بدناميءَ جو سبب آهي!'"

فارسيءَ واري ڇيو آهي:

"قارون" هلاک شد که چهل خانه گنج داشت،
"نوشيروان" نمرد که نام نکو گذاشت.

ترجمو: "قارون" مئو جنهن وٽ چاليهہ گنج خزاني جا هئا، نوشيروان نہ مئو، جنهن نالو سچارو ڇڏيو.

پڻ هڪڙي بادشاهہ هڪڙي درويش کي چيو تہ "مون کي ڪو اپديش ڪر"، درويش ورنديءَ ۾ هيءُ بيت چيس:

درياب اکنون که نعمت هست بدست،
کاين دولت و ملک مي رود دست بدست!

ترجمو: هاڻي سنڀال جو نعمت هٿ ۾ اٿيئي، جو هيءُ دولت ۽ راڄُ هٿان هٿ پيو وڃي!

ٽوٽڪو اٺيتاليهون

پنهنجي ساراهہ ۽ گلا ٻڌڻ جي حُسن قبح بابت

درويش کي پنهنجي ساراهہ روبرو نہ وڻي، ڇاڪاڻ جو سياڻا چوندا آهن تہ "روبرو جي ساراهہ، تهڙي پرپٺ جي گلا." تنهن کان سواءِ، ٻي پڻ ڳالهہ آهي تہ جيڪڏهن اها ساراهہ سچي هوندي تہ ماڻهو ٻُڌي هٺ ۾ پوي، ۽ جي ڪوڙي هوندي تہ بہ پاڻ ۾ ڇگهڙيءَ جو شڪ ڪري هٺ ڪندو. هٺ ڪنهن طرح چڱو نہ آهي، ڇاڪاڻ جو هٺ ڪرڻ هڪڙي ڏڻيءَ کي جڳائي، ۽ ٻيو جيڪو هٺ ڪري تنهن کي ڏڻي ناپسند ڪري دوزخ ۾ موڪلي.

انسان جو وجود اصل مٽيءَ مان جڙيو، ۽ نيٺ مٽي ٿيندو ـ تڏهن ويچار ڪجي ته جنهن جي اڳاڙي هئڻ، پڇاڙي هيءَ، تنهن کي هٺ ڪرڻ ڪهڙي نه لڄ جهڙي ڳالهه آهي! فارسيءَ واري چيو آهي:

اول تو خاک بودي و آخر شوي تو خاک،
پس خاک را نشايد چندان کند منّي!

ترجمو: پهريائين مٽي هئين، نيٺ به مٽي ٿيندين،
پوءِ مٽيءَ کي ايترو هٺ ڪرڻ نه ڪجي!

مطلب هيءُ آهي ته جنهن ساراهه پڌڻ مان ايتري اپوچي پوي، تنهن کان پاسو ڪرڻ ڪجي، ويتر کو روبرو گلا ڪري، ته چڱو ـ پوءِ جيڪڏهن اها گلا کوڙي هوندي، ته سندس پاپَ گلا ڪرڻ واري جي ڪاتي ۾ لکبا، ۽ جي سچي هوندي، ته پنهنجي عيبن جو واقف ٿي، اُنهي لاءِ توبهه ڪبي.

هڪڙو درويش سچو ـ نه رڳو دلق پوش ڪچو، هڪڙي هنڌ ڏٺيءَ جي پڄڻ ۾ رذل هو. هڪڙي اُنپڙهيل بيدين وٽس اچي گارگند ڪيس ۽ سنديس گلا ڪرڻ لڳو، تنهن کي درويش هيءُ بيت پڙهيو:

بتر زانم که خواهي گفتن آني،
که دانم عيبِ خود چو من نداني.

ترجمو: جهڙو مون کي چوندين تنهن کان واڌو
بڇڙو آهيان، ڇاڪاڻ جو ڄاڻان ٿو منهنجن
عيبن کي، تون مون جيترو نٿو ڄاڻين.

۽ ڏڻيءَ جي دربار ۾ هٿ کڻي هيءُ بيت پڙهيائين:

دروغ ست گر گفتمش، يا خدا،
برحمت درِ عفو بروي کشا،
اگر راست گفت، اي خداوند پاک،
مرا توبه ده تا نگردم هلاک:
پسند آمد از عيب گوي خودم،
که معلوم من کرد خوي بدم!

ترجمو: اي ڏڻي، جي هن جو چوڻ کوڙو آهي،
ته رحم ڪري مٿس معافيءَ جو در پٽ،
اي ڏڻي، جيڪڏهن سچ چيو اٿس، ته مون کي
توبهه جي توفيق بخش ته عذاب نه ڀوڳيان.
پنهنجي عيب چوڻ واري جي ڳالهه وڻيم،
جو منهنجا بڇڙا اچڻ مون کي ڄاڻايائين!

ساراهه ۽ گلا ٻڌڻ وارن جا چار درجا آهن: هڪڙا اهي، جي پنهنجي ساراهه ٻڌي سرها ٿين، ۽ ڪرڻ واري کي سڄڻ ڄاڻي، سندس شڪر ڪن، ۽ گلا ٻڌي، ارها ٿي، ڪرڻ واري کي ويري ڄاڻي، پاڙو جهاڙ ٿي سڙن - اهو بڇڙو اچڻ شيطان جهڙو آهي، جنهن مان نيت ڀلائي ڪانه آهي. ٻيا آهي، جي ساراهه ۽ گلا کي ظاهر ۾ هڪجهڙو ڄاڻين، ڪنهن کي ۾ لڪائين ڪين، مگر دل ۾ هڪڙي کي دوست ٻئي کي دشمن ڄاڻن - اهو اچڻ بہ بڇڙو آهي، پر پهرين کان جيڪي سو چڱو، هن ڪري جو منجهن اهڙاس مان نيٺ، اندر ٻن ٻاهر جهڙو ٿي هوي. ٽيان آهي، جي ظاهر

توڙي باطن هڪجهڙا، جو ساراهه ڪرڻ واري تي راضي نه رهن، ۽ گلا واري تي ناراض نه ٿين - اها عادت بزرگن جي آهي، پر آهي به اهڙا ن، جو گلا واري تي ساراهه واري کان واڌو ايچپو ڪن، يا گلا واري جي مرڻ جو ساراهه واري جي مرڻ کان واڌو ارمان ڪائن، ڇاڪان جو ان منزل جو پنڌ پري آهي، جاتي ڪامل پانڌيڙو ڌاران ڪو نه پهچي سگهي. ڇوڏان آهي، جي ساراهه ڪرڻ واري کي پنهنجي هٿ جو وڌائڻ وارو سمجهي، ويري ڄاڻن، ۽ گلا ڪرڻ واري کي دوست ڄاڻي، منجهانئس به گڻ پرائين: هڪڙو هيءُ جو پنهنجي عيبن جا واقف ٿي، اڳتي پاسو ڪن، ٻيو هي جو پنهنجا ثواب هن کي ڏيکاري، حرصائي، سندس خير ۾ ڀائيوار ٿين.

مطلب هيءُ ته اهڙن سڀن ڪري، ڪامل درويش جي مذهب ۾، پنهنجي ساراهه جو پڌڻ ناقبول، ۽ گلا جو پڌڻ قبول آهي.

ڏونڪو اوڻونجاهون

اميد ۽ ڊپ جي عبادت ۾ ڦير جي بيان بابت

گناهن جي جٿين کان ڊڄي عبادت ڪرڻ ڄڳي آهي، پر ڌڻيءَ جي رحمت تي اميد رکي ٻڇن ڪرڻ تنهن کان واڌو ڄڳو آهي. ڇاڪان جو ڊڄ مان ڦاهه پيدا ٿئي، ۽ ڦاهه مان نااميدي، ۽ نااميديءَ

مان رغبت گھٽجي، ۽ رغبت ڌاران گھڻو پڇڻ به
ڦٽل ٿورو ڏئي، ۽ اميد مان پريت ڄاڃي، ۽ پريت
مان رغبت، ۽ رغبت واري عبادت ٿوري به فائدو
گھڻو ڏئي!

هڪڙي الله والي چيو آهي ته ”خدا جي رحمت
کان نااميد ٿيڻ هڪڙو پاپ، بلڪ ڪفر آهي، ۽ پڻ
ڏک جو سبب آهي.“ - تنهن جو دليل:

”هڪڙي ڏهاڙي حضرت يعقوب نبيء تي خدا صاحب
جو فرمان آيو ته ’ڪي ڄاڻين ٿو ته حضرت يوسف
نبيء کي ڪهڙي سبب توکان وڇوڙيم! يعني جڏهن
شڪار تي ٿي ويو، تڏهن ڊڄين ته متان بگھڙ کائينس،
۽ مون ۾ سندس بچاء جي اميد نه رکيئي. پٽن جي
غفلت کان انديشو ڪيئي، ۽ مون ۾ سندس نگهبانيء
جي آس نه رکيئي!‘“

هڪڙو ڪامل فرمائي ٿو ته ”جيڪي ماڻهن کي
ڏنيء جي رحمت جو اميدوار ڪري پڇن ڪرائين،
سي خدا صاحب کي گھڻو وڻن، ۽ جيڪي عقوبتن
کان ڊڄي بندگي ڪرائين، سي اهڙو نه وڻن -
تنهن تي هي مثل آهي:

”هڪڙي ڏهاڙي هڪڙي مهاپرش پنهنجي پريتوانن
کي چيو ته ’جيڪي مون ڏٺو آهي، سو جي ڏسو
ته ڦاٽي مرو!‘ ان سهل خدا صاحب جو فرمان آيس
ته ’منهنجي ٻانهن کي ٻاڻ واريون رحمتون ٻڌائي

ڏ ويچار نہ، تہ متان پڇن ڪان ٿهن، بلڪ جيڪي منهنجون
رحمتون ڏٺيون اٿيئي، سي پڌائي آسانءُ ڪرين، تہ
محبت سان عبادت ڪن!""

تنهن ڪان سواءِ سياڻا چوندا آهن تہ "ڏٺيءَ جي
رحمت جي اُميد هڪڙو لغام آهي، ۽ اُميد وارو عابد،
اهو گهوڙو آهي، جو لغام جي اشاري سان هلي ۽
عقوبت جو ڊپ هڪڙو چابڪ ۽ ڊپ وارو عابد،
اهو گهوڙو آهي، جو چابڪ جي هڪلڻ سان ڊوڙي:
پر جي اهڙا ٻئي گهوڙا هڪڙي مالڪ وٽ هجن،
تہ اشاري تي هلڻ وارو، هڪلائڻءَ ڪان وڌ-پيارو
لڳيس- تنهن وانگي، اُميد وارو پڇنيڪ پڻ ڊپ
واري عابد ڪان ڏٺيءَ کي وڌيڪ وڻندڙ آهي."
پر تنهن ۾ هڪڙي ڳالهہ آهي، جو ڏٺيءَ جي رحمت
۾ اميد وار ٿي، عبادت ڪان ساٽ ڪرڻ- اُميد نہ
آهي، بلڪ وڏي بيوقوفي آهي؟ جهڙيءَ طرح هڪڙو
داري ڌرتيءَ مان نہ جهنگ هٽي، نہ کيڙي، نہ ٻج
چٽي، نہ پاڻي ڏئي، ۽ پيدائش جو سوس رکي، تہ چا
حاصل ٿئيس؟ پر جي اهي سڀ ڪم ڪري ڪڙن،
مکڙن، سوڪ، پوڏ ۽ ٻين آفتن ڪان بچاڻ جي
اميد ڏٺيءَ ۾ رکي، تہ ان اُميد سان جيڪر ڦر ڪائي.
تنهن وانگي، اسان کي پڻ جڳائي تہ ويچار جي
ڪهاڙيءَ سان ٻڇڙن لڇڻن جو جهنگ، دل جي ڌرتيءَ
مان وڍي، ايمان جي هر سان کيڙي، منجهس عبادت
جو ٻج چٽيندا، ۽ چڱن لڇڻن جي پاڻيءَ جو ريج

ڪندا رهونس، ۽ سچ ڳالهائڻ جي واٽ ڏيکاري، چڱيءَ نيت جي ٻيڙي تي چاڙهي، ٻڇڙي صحبت جي ڄار ھڪليندا رهون، ۽ ڏاڍيءَ جي رحمت ۾ اميد رکون جو اسان جي ان پوک کي شهوت، حسد، خبث، رياءُ، هٺ، ڪوڙ ۽ ٻين آفتن کان بچائي، ته منجهانئس ٻنهي جهانن جو ثمر پرايون!

ڏونڪو پنجاهون

جهان ۾ پنجن سوادن مان ماڻهوءَ کي زيان بابت

جهان ۾ پنج سواد اهڙا آهن، جو هڪڙو-هڪڙو سواد هڪڙي-هڪڙي جيوَ کي ناس ٿو ڪري - جن سوادن کي هندن جي مذهب وارا هي نالا ڏين: هڪڙو 'سبد'، ٻيو 'سپرس'، ٽيون 'روپ'، چوٿون 'رس'، پنجون 'گند' - تن جو بيان:

'سبد' يعني ڪنن جو سواد، جنهنڪري هرڻ ڪوڙهو سريت ٻڌي، بندوق جي سامهون اچي پاڻ مارائي؛ ٻيو 'سپرس' - جهڙو ڪام جو سواد، جنهن لاءِ هاٿي ڪاغر جي هاٿياڻي کڏ ۾ پيل ڏسي، مٿس ڪاهي، کڏ ۾ ڪري مري؛ ٽيون 'روپ' يعني اکين جو سواد، جنهن لاءِ پتنگ ڏيئي کي ڏسي ڏانهس ڊوڙي، ۽ منجهس سڙي؛ چوٿون 'رس' يعني وات جو سواد، جنهنڪري مڇي ڪنڊيءَ ۾ ڳاهه ڏسي وات وجهي، ۽ ڦاسي سر ڏني؛ ۽ پنجون 'گند' يعني نڪ جو

سواد، جنهنڪري ڀؤنر ٻانس وڻن لاءِ ڪؤنيءَ جي گل ۾ ويهي، ۽ رات جو گل ٻورجڻ مهل لوڀ جو ماريو نه اڏامي، ۽ اتي ٻورجي مري!

جڏهن هڪڙو- هڪڙو سواد اهڙو آهي، تڏهين ماڻهو جو انهن پنجن سوادن جو ڳولو رهي ٿو، تنهن جو حال ڇا ٿيندو؟ تنهن لاءِ گسائين تلسيداس جو وچن آهي.

آل، پتنگ، مرگهه، مين، گج- ايڪ ايڪ رَسَ آنچ،
'تلسي' واڪي ڪوَن گت، جانڪو وياپي پانچ؟

ارٿ: ڀؤنر، پتنگ، هرڻ، مڇي ۽ هاٿي. هڪڙي- هڪڙي رس جي ڳولا ۾ انهن جو ڪهڙو حال، جن کي اهي پنج ئي لڳل آهن؟

پر انهن پنجن جيوَن کي عقل نه آهي، جو ڏنيءَ کي ياد ڪري، انهن بلائن کان پاڻ بچائن ۽ ماڻهوءَ کي ڏنيءَ عقل ڏنو آهي، سو جيڪڏهن ڏنيءَ کي ياد ڪري چڱا ڪم ڪري، ته اهي پنج ته ڇا، پر جي پنجاهه به هئن ته ڪهڙو ڏپ اٿس؟ تنهن لاءِ ٻيو گسائين تلسيداس جو وچن آهي:

'تلسي' اي تو پانچ هئي، پر جي هئي پچاس،
رگهورَ جانڪي رِدَ بسي، تانڪون ڪيسي نراس؟

ارٿ: اهي ته پنج آهن. پر جي پنجاهه به هجن، ته ڏني جن جي دل ۾، تنهن کي ڪهڙو ڏپ؟

ڏني اهڙين آفتن کان بچائيندڙ آهي- ۽ آءٌ پڻ ان کي ياد ڪري (ڪتاب) پورو ڪريان ٿو!

پڇاڙي ڪتاب جي

هيءُ ڪتاب پورو ڪري، سنڌس نالي رکڻ لاءِ ڪڙي پئي ڪلان صلاح پڇيم - جنهن جو نالو "عقل"، تنهن خيال ڪري فرمايو ته "جڏهين پنجاهه ڏرڏڪا منجهس لڳل آهن، تڏهين ابجد جي ليکي پٽاند ڙ، "ڪل"* نالو رکڻ کپي." مون کي پڻ اها صلاح وڻي، ۽ چاتم جو پڙهڻ وارا صاحب ٻاجهه ڪري "گنڪڙ" جو ڪتاب پڙهي جڏهين سواد وٺندا، تڏهين ڀلي هيءُ گُل جي سرهاڻ سُونگهي سگها ٿين - مگر سنڌين مهرٻانيءَ ۾ آسپس جو اميدوار آهيان!

ڏڏيءَ جي توهه مان پورو ٿيو ڪتاب "گُل"، جوڙيل ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي مکيهءَ جو.

---

* "ڪل" (گ = ۲۰ + ل = ۳۰) ۵۰

ڏڏيءَ جو آسرو

ڏڏيءَ جي ساراهه

آءُ ٿو سائين ساراهيان، سندس ڳُڻن کي ڳايان،
صدقون سِسي ٿو نايان، ڳچيءَ پاند ٿو پايان:
مولو ملڪن جو مالڪ، پيارو پرٿيءَ جو پالڪ،
سائين سڀني جو سالڪ، سڀو مير ممالڪ.
آڪو اڙين جو آڌار، پورڻ پرٿي پالڻهار،
ڏڏن ڏکين جو ڏاتار، سدا لهي سڀني سار.
ديا دان گهران ٿو، مهر- مان مڱن ٿو،
سر ڌرتيءَ تي ڌريان ٿو- قصو ڪوتاهه ڪريان ٿو.

هلي

ڏڏيءَ کي ساراهي، ڪي فقرا هن ڏيهه جي رواج جا، جن جي اکري معنيٰ هڪڙي ۽ رواجي مطلب ٻيو آهي- لکي، پڙهندڙن جي خدمت ۾ گذاريان ٿو سندن مهربانيءَ ۾ اميد ٿو رکان ته پڙهي، منجهس جيڪا ڀل چُڪ هوندي، تنهن کي پنهنجو لائق سڃاڻي سڌاريندا.

ٻورو بيان	رواجي مطلب	فقرا يا اکر	نمبر
عام چوڻي	مفت فائدو ملڻس ناممڪن ڪم مان	سترمان پٽ چاڙهس	١
عام چوڻي	هاٿ ۾ هرتا	هاٿ ۾ ڪير ڪنڊ ٿيا	٢
ڇرڇي وانگي چنجي	هاٿ ۾ هرتا	هاٿ ۾ رت ٿيا	٣
اتر ملڪ جو رواج	هڪٻئي جا ويري آهن	هاٿ ۾ چانڊيا مگسي آهن	٤
عام چوڻي	ڪوڙو رگڙو ڪيائين	پيٽ ۾ ڪپڙ وڌائن	٥
عام چوڻي	ڪوڙو رگڙو ڪيائين	ڪوهه ۾ ڪودو وڌائين	٦
عام چوڻي	گوڙ ڪيو اٿس	ڇڳي بازار لاٿي اٿس	٧
عام چوڻي	بکيڙو ڪيو اٿس	هيڪ لڙ ڪيو اٿس	٨
عام چوڻي	گوڙ ڪيو اٿس	ڪچر ڪلو لاتو اٿس	٩
مسلماني رواج	گهر ۾ ڪي ڪين اٿس	هن جي گهر ۾ الله جو نالو آهي	١٠
هند ڪو رواج	ايضاً	گهر ۾ پاڻيءَ تو نچيس	١١
لکپڙهه وارن جو چوڪرن لاءِ چوڻ	ڪين لکيائين	لکي اک ڪارا ڪيائين	١٢
عام چوڻي	ڪين ڏنائين	ڳاڙهي ماڻ سان مٿي ڏنائين	١٣

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٻوري بيان
١٤	هن کم مان کنڊ ڦٽڪي آيو	کم ڪين ڪري آيو	عام چوڻي ۽ ادب جو ڳالهڻ
١٥	هن کم مان ڇائي پائي آيو	ڪم ڪين ڪري آيو	بيمانو ڳالهڻ
١٦	ڇائي ۽ ڇٽا پائي ٿو	اجايو رلي ٿو	بيمالي عام چوڻي
١٧	هي ماڻهو جو ٿو بري جهلو آهي	هي ماڻهو جو پوئلڳ آهي	پروچڪو ڳالهڻ
١٨	آسر پوتاڻي ڳالهه ڪري ٿو	بيعقلي ٿو ڳالهائي	عام چوڻي
١٩	انڪهڙيو ڪاٺ آهي	بيعقل آهي	عام چوڻي
٢٠	کنڊ ٿو کائي	کوڙ ٿو ڳالهائي يا غير واجبي چوي ٿو	ادب جو ڳالهڻ
٢١	ڦوڪيو ويٺو آهي يا آڪڙيو ويٺو آهي	کاوڙيو ويٺو آهي	عام چوڻي
٢٢	ڇپا پور يا کنڌن کوٽ يا کڌهر وآهي	بکهر پاروپا جهگڙا جاڳائيندڙ آهي	عام چوڻي
٢٣	ناردي سپاهه اٿس	ايضاً	هندڪو ادب جو ڳالهڻ
٢٤	لنبڙي ۽ ٽان اٿو لوي	لڄائي اٿو ڇڏي	عام چوڻي

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٽورو بيان
٢٥	ڪاشي ڪرَوَت ڪاڻي ڪر ڪيائين	ڏک پاپ ٻني قرض ڪٽي ڪيائين	هندڪو اصطلاح
٢٦	چونڪي جو ڦوسنو يا اٽي جو ڏيو آهي	ٻڇڙو آهي	هندڪو اصطلاح
٢٧	اٺوري آهي يا آڙاهه آهي	ڳرو اڇو آهي	عام رواج
٢٨	ڏيو وڏو ٽيو يا ڳل ٽيو يا ٽريو	ڏيو وسائو	عام رواج
٢٩	ڏيوي ۾ درشن ڏنو اٿس	سيتلا نڪتي اٿس	هندڪو اصطلاح
٣٠	ماني ۾ مهر ڪئي اٿس	سيتلا اڪتي اٿس	ٻُٽ جي سيتلا سيتلا اڪرڻ مهل ماڻ چوي
٣١	ڏيوي ڏني اٿس	سيتلا نڪتي اٿس	سيتلا نڪرڻ مهل ماڻ چوي
٣٢	ڏيوي ڏارين ٽارين اٿس	سيتلا ٽوري نڪتي اٿس	سيتلا نڪرڻ مهل ماڻ چوي

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٿورو بيان
٣٣	ڏيوي ۽ موج ڪئي اٿس	سيتلا ڪڍي نڪتي اٿس	هندڪو اصطلاح
٣٤	ٺري ۽ ٺاريو يا ڏيوي ۽ منهنجو پٽ ڪير پريو	سيتلا لنگهايائين	هندڪو اصطلاح
٣٥	ماڻس ڪي ڪٽس ٿي آهي	تپيو آهي	ٻٽ جي بيماريءَ مهل ماءُ چوي
٣٦	سندس ويري تپيا آهن	تپيو آهي	ٻٽ جي بيماريءَ مهل ماءُ چوي
٣٧	چوڪر صحتيو آهي	تپ يا ٻي ناچاقائي ٿي اٿس	ٻٽ جي بيماريءَ مهل ماءُ چوي
٣٨	ڇتري آڏائي اٿن	اکهه سِکهو مهانگو ڪيو اٿن	واپارڙ جو اصطلاح
٣٩	روپي دانگي چڙهي آهي	اَن" جو ڏڪار ٿيو آهي	عام چوڻي
٤٠	ڪير ۾ موري وڌي اٿس	صحبت ۾ ڏڦير و وڌو اٿس	عام چوڻي
٤١	لالگ چوڻو آهي	حرام ڪندڙ آهي	عام چوڻي
٤٢	گهمندڙ زال آهي	حرامڪندڙ زال آهي	عام چوڻي

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٻورو بيان
٤٣	ڳوٺ ۾ ڪنگ ٻو رڙي پاڪنگو راڙ ٻي اٿي آهي، يا ڪڪڙوڪڙ ٻي اٿي آهي	ڳوٺ سڄو ٻڌو پيو آهي	عام چوڻي
٤٤	ٻاءُ ٽڪي جهڙي آسامي آهي	ڏاڍو سچو ماڻهو آهي	شاهوڪاري رواج
٤٥	ڪک رنجائيو آهي	بلا ڪاٿو آهي	ايرندي ملڪ جو رواج
٤٦	ڪاٺي پڪي اٿس	بلا ڪاٿو آهي	اترملڪ جو رواج
٤٧	نچڪو آهي، يا خيرڪو آهي	ڪوڙڪو آهي	وڏي ماڻهوءَ لاءِ چئجي
٤٨	سٽر ويو آهي	مڙدي مان مساڻ ويو آهي [illegible]	هندڪو رواج
٤٩	ڦل ٿا چوندن، يا هاٿي ٿا ميڙن	مٿي جا سڙيل هڏا ٿا ميڙن [illegible]	هندڪو رواج
٥٠	ڪٿي ۾ ٽنگ وڌائين	نوڪر يا گماشتي ڀت وڃائي	عام چوڻي
٥١	لاهي ناهي پيٺو آهي	بي لڄو يا اُچ ٿيو آهه	عام چوڻي
٥٢	ڀڳڙي وڌالي رک	ڀڳڙي لاهي رک	ادب جو ڳالهه

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٻورو بيان
٥٣	ڪاڄ وڏي اچو	ڪاڄ قانون موجب اچو	مسلماني رواج
٥٤	پرساد پروسي آڻيو	ايضاً	هندڪو رواج
٥٥	پرساد ٿو ڪري	ڪاڄ ٿو ڪائي	هندڪو رواج
٥٦	دال ۾ ميٺو يا رام رس وجهه	دال ۾ لوڻ وجهه	هندو فقيرن جو رواج
٥٧	گهوڙي سير آهي	گهوڙي ڏڪي آهي	عام چوڻي
٥٨	پيڙي سير آهي	پيڙيءَ ۾ بار گهڻو آهي	مهاڻن جو رواجي ڳالهائڻ
٥٩	پيچ پني يا پهسي پرک يا پنيرڪو يا البرت ويلو	برپات	عام- مگرچوڻون اصطلاح هندڪو رواج
٦٠	پنجوءَ جي پڻ سان ٿو هڻي	واجبيءَ ڪان واڌو لڳي ٿو	هندڪو رواج
٦١	ڏس ڪائي ڪري ويو	قرض ڪٽي ڀڄي ويو	هندڪو رواج
٦٢	هي ڏور سهجالو آهي	ڏور چورالو آهي	چورن ۽ سندن سودا ڳرن جو رواج

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٿورو بيان
٦٣	ھي وھٽ ڌسَ راکو آھي	ڏور چوراٺو آھي	چورن ۽ سوداگرن جو اصطلاح
٦٤	ڳالھ جو شب رکج	ڳالھ لڪائج	ايضاً
٦٥	ھيانوَ جو ڳرو ٿج يا ڳالھ جو ڳرو ٿج	ڳالھ لڪائج	عام رواج
٦٦	دال روٽيءَ وارو آھي	ونھيو آھي	ھندڪو رواج
٦٧	مڇيءَ مانيءَ وارو آھي	ونھيو آھي	مسلماني رواج
٦٨	سير ٿي ڏياري	مٿي مان جُون ٿي ڪڍائي	زالن جو رواج
٦٩	ٿولڪڙو ھٿائي ٿي	ايضاً	لاڙ جي زالن جو رواج
٧٠	ٻڪريءَ ڪسي سير ٿو وھائي	ٻڪري ڪُھي ٿو	عام چوڻي
٧١	ٻڪري سنواري ٿو	ٻڪري ڪٽي يا ڪُھي ٿو	عام چوڻي
٧٢	ترڪاري، سارٺو، ساڳ	گوشت	ھندڪو رواج
٧٣	لال ڀاڄي	گوشت	ھندو فقيرن جو چوڻ

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	تورو بيان
٧٤	ڏاڙهي مڇ ۾ پيچ ڏاڙهيءَ ۾ هٿ رسائڻ	هٿ جو ائو هڻڻ، هٿ جو هيٺ وجهي رسائڻ	عام گفتو
٧٥	پورو پاڻ ڪر	ڳالهه جا هلي تي ما پند رک	هند ڪو رواج
٧٦	ڪوڏي سلهه پس	پيمالو ليو	عام چوڻي
٧٧	وڏو ٿيءُ	مات ڪر	ادب جو ڳالهه
٧٨	تنهنجو وات ڪلاب	ڳالهائڻ جو وارو ڏي	ادب جو ڳالهه
٧٩	دروازو قائم آهي	در بند آهي	وڏي ماڻهوءَ جي يا پير فقير جي در لاءِ چوڻ ۾ اچي
٨٠	ٿانديءَ پهو آهي	ترت چيڙاڪ آهي	عام چوڻي
٨١	ڏلڊ شيڪ ل ڪج	تيڪو نه ڳالهائج	عام چوڻي
٨٢	پاڻ ماري ڪم ڪيج	اپا زسان ڪم ڪيج	عام چوڻي
٨٣	پلو منائي آهه	رقم باسي آهه	عام چوڻي
٨٤	رقم پياري ويو	ناڻو پچائي ويو	عام چوڻي
٨٥	رقم ٿي تو پري ۾	رقم چٽ	عام چوڻي
٨٦	رقم ٿي ستي	رقم چٽ	عام چوڻي

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٿورو بيان
٨٧	پنهنجو پاند نه پسائج	پنهنجو هٿ نه اڙائج	عام چوڻي
٧٨	ٻرڪ يا برڪت	هڪ	ڪڇ ۾ ڪهڙو ڪري واپارين جو رواج
٨٩	پنج گنج	پنج - ڇهه	ڏڙواڻي ماپ تور ۾ چون
٩٠	اڏاوي وڏاوي	اڏاوي ٽواوي	واپارين جو رواج
٩١	سڪيءَ پاڪيءَ سان ڪوڙا پائين	واپار يا ڪنهن ڌنڌي ۾ لڳايائين	عام چوڻي
٩٢	سنپ ڪنيڙو آهي	هوري ڳالهه هٿ ٻڌي ٿو	هندڪو رواج
٩٣	ناڻو روڻ ڏڪنا ٿي ويو	ناڻو اجايو خرچ ٿي ويو	هندڪو رواج
٩٤	ناڻو اگر پتر ٿي ويو	ناڻو اجايو چٽ ٿي ويو	عام چوڻي
٩٥	نڪر ڪيري ڪيهه ۾ اٿو	مفت فائدو ٿيو	عام چوڻي
٩٦	تريءَ تي بهشت ڏو ڪهري	ڪهڙو سهڪهه سان ڪم ڪهري ٿو	عام چوڻي
٩٧	وات ۾ ٽڪا چٽو ڪهري ٿو	ايضاً	عام چوڻي

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٿورو بيان
٩٨	ڪڇيءَ ڏو ٻوي	وڏهي ڏو	هندڪو رواج
٩٩	ڪُل جي لهڻي ڪڇيءَ ۾ هئي	ٻرانو جهيڙو مٿي تي آيو	هندڪو رواج
١٠٠	هٿ چڙي ٻه ڪو ارڪ چڱي آهي	ونهيون چڙي ٻه ڪو ورهي تي رسم ٻاسجي	هندڪو رواج
١٠١	ڏهين سوڊ ونڌ آڻجي	اوڙڪ نه ساڏ جي	هندڪو رواج
١٠٢	پاون وير، يا پاون گير	ڏاڍو سياڻو	هندڪو رواج
١٠٣	زال دو ٻُشتي آهي يا اُميد واري اٿس	ڀُڪي زال آهي	هندڪو رواج
١٠٤	هيءَ زال سنشين مهيني آهي	هن زال کي هيءُ وين جو مهينو آهي	زالن جي ڳالهه
١٠٥	هن زال پير لڌا آهن	هيءَ زال وياڻي آهي	عام چوڻي
١٠٦	منوهار ٿا ڪن	گڏ ٿي آسر ٿا ڪن	ٿر جو رواج
١٠٧	گپ جو ڪلو آهي	رمتڙيو يا ڪڏهن ڪنهن جو ۽ ڪڏهن ڪنهن جو يار آهي	عام چوڻي
١٠٨	ڏڏره جي ليکي ۾ آهي	ڀاچگو مرليننگ آهي	عام چوڻي
١٠٩	رضا ڪمائين	مئو	مسلماني رواج

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٻورو بيان
١١٠	نام چيت ڪيائين	سري ويو	هندڪو رواج
١١١	هن جا هاڻي ٽانگهڻ جا ڏ آهن	وڏي لحاظ وارو آهي	عام رواج
١١٢	ڇاڻي پيئڻ چڱو آهي	ٻولي ڪم ڪرڻ چڱو آهي	عام رواج
١١٣	گوڏن پر ٿيو آهي يا ترين پر ٿيو آهي	اٺهولد وارو ٿيو آهي	عام چوڻي
١١۴	هاڻي پيرن پر ٿيو آهي	هاڻي هولد وارو ٿيو آهي	عام چوڻي
١١٥	ٻالو - ٻالو	اڇاڻ	ادب جو اکر
١١٦	ڦل يا ٽڏو ڏياريو اٿس	ڏاٿپ ڏياريو اٿس	عام رواج
١١٧	مالي گهر - ڏٺي ڪاڻي ويا	مالي ڪوڻا ڪاڻي ويا	زالن جو رواج
١١٨	هي ماڻهو ڇٻي ٻج آهي	هي ماڻهو گهٽين ذاتين وارو آهي	عام اصطلاح
١١٩	مال چڪان چول آهي	مال گهٽو آهي	عام اصطلاح

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	ٿورو بيان
١٢٠	رقم ۾ ٽنگ پيو	رقم کُٽي ٿي	عام اصطلاح
١٢١	مس چٽو يا کوڏيءَ چٽ يا چڙهي مار يا کٽا ڳڻ آهي	بخيل آهي	عام اصطلاح
١٢٢	هٽ جو چٽي	ايضاً	هندڪو اصطلاح
١٢٣	ملڪ ۾ پائيتال آهي	ملڪ ۾ رولو آهي	هندڪو اصطلاح
١٢٤	پاهتريو آهي	بيوقوف ٿيو آهي	هندڪو اصطلاح
١٢٥	ڏيريءَ ڪين ڪتيو آهي	بي ويساهي ڪانه آهي	هندڪو رواج
١٢٦	خير ٿو گهرجي	لٿو گهرجي	مسلماني رواج
١٢٧	سک ٿو گهرجي	لٿو گهرجي	هندڪو رواج
١٢٨	مينهن وسندي ڪم اچي	گهرج مهل ڪم اچي	عام اصطلاح
١٢٩	سٽي مک نه جاڳاءِ	وسائل جهڙو نه آثار	عام اصطلاح
١٣٠	ملتاني کهٽلو آهي يا هوديڪي ڇڇو يا سپ سان پورو	سڀ سان صحبت رسائيندڙ آهي	عام اصطلاح
١٣١	ديڊ کي راپي آهي	صحبت رسائو آهي	ٻهانو ڪار جهڙو چوڻ آهي
١٣٢	ڳوڏي تان ڪنهو ولي	اچو لڙو آهي	ٻهانو ڳالهه

نمبر	سنڌي پهاڪو	رواجي مطلب	ٿورو بيان
١٣٣	سکيءَ ۾ ٽهي هٿي ڏيو	پٺ ري ڳالهه ٽالي ڏيو	عام چوڻي
١٣٤	نڪون تار ٿي ڪيائين، وائيندي ٿي ٿو ڇڇ ڏئي	بيوس ٿي ڪيائين، ٻئي جي مرضيءَ تي ٿو ڳالهائي	عام چوڻي
١٣٥	ٻاڻي وراءِ ٿيج	ڳالهائڻ ۾ واهر ڪج	عام چوڻي
١٣٦	ڪير ۾ وڏ ٻڌو وجھ	ڪير ۾ سنيان وجھ	عام چوڻي
١٣٧	ڏنديڙ ڏاند آهي	ٻڪو ماڻهو آهي	عام چوڻي
١٣٨	ڏاند ڏهي آيو	بخيل مان ڪم ڪڍي آيو	عام چوڻي
١٣٩	لاڪ لاٿائينس	مار ڏنائينس يا جٺ ڪيائينس	عام چوڻي
١٤٠	ڪکر ۾ ڪڙو نه هڻ	چريي يا لُچ کي نه چُور	عام چوڻي
١٤١	ٻاڻي ٿو ولوڙي	بي مطلب ٿو ڳالهائي	عام چوڻي
١٤٢	ٽڪ مان ور لٿو اٿس	مار کائي سولو ٿيو آهي	عام چوڻي

نمبر	فقرا يا اکر	رواجي مطلب	پورو بيان
١٤٣	ماڪ تي مور پيو آهي	ڪوڙي دلاسي تي خوش ٿيو آهي	عام اصطلاح
١٤٤	وائي ڦٽر آهي	موڳو آهي	هندڪو رواج
١٤٥	واءِ وِڪر وئو	اجايو ويو	عام رواج
١٤٦	ويندي سان پئون پارهن پيو	وڃڻ سان فتح ٿي	عام رواج
١٤٧	چڪڙي پيا ٿي دانيون پاتائين	ڪم ڪين ڪيائين	عام پهاڪو اکر
١٤٨	ڦلهڙ ۾ ڦوڪون ٿو ڏئي	اجائي محنت ڪري ٿو	عام پهاڪو اکر
١٤٩	اڻڌيو آهي	ڏاڍو ڏاهو آهي	عام پهاڪو اکر
١٥٠	سوڙ ۾ ڇهنڊڙي پئي	جونس جي منٿ تي	عام پهاڪو اکر
١٥١	اڳيٽ جو سڳ ڳنڍيو پائين	جوءِ جي مائٽن جو لحاظ ڪيائين	عام پهاڪو اکر
١٥٢	پات پاڻيءَ ۾ نه پُڏ	ٿوري ڪم ۾ نه منجهه	عام پهاڪو اکر
١٥٣	منهنجا ڪُلها ڪٺل آهن	اهڙا ڏاڪڙا يا گهاٽا اڳي نه سٺا اٿم	عام چوڻي
١٥٤	پوک پيو	پورو ٿيو	هندڪو رواج

SOORIH SINDHI ADAB

پڇاڙي

هن ڪتاب ۾ هڪڙو سؤ چوونجاهه فقرا آهن، تڏهين ابجد جو ليکو ڪري سنڌ ۾ نالو "قند" رکيم؛ تنهن ۾ هڪڙو هي ٻه مطلب آهي جو هڪڙو ڪتاب، "گل" نالي، هن کان اڳ ۾ آيو آهي، تنهن سان جڏهين هيءُ 'قند' گڏبو، ته ڪر ٻه جزا گڏجي هڪڙي جڙيل شئي يعني 'گلقند' تيار ٿيو - جو گلقند، هڪڙي چڱي دوا مرض جي لاهيندڙ آهي.

هي ڪتاب اهڙو چڱو نه ٿيو آهي، جنهن ڪي ڪي خوش ٿي پسند ڪن؛ پر جڏهن گلقند جهڙيءَ مٺيءَ، مرهيءَ ۽ ڪٺاڪاريءَ شيءِ جو نالو مٿس پيو آهي، تڏهين اميد اٿم جو پڙهڻ وارا صاحب مهرباني ڪري من 'ساريءَ هٿڻ پتر' جاڻي ڪيس پسند ڪن.

هي به هڪڙي ڳالهه آهي، جو بازار جا حلوائي ۽ پساري، آنيءَ ٻنيءَ جا گل، سي به ڪڏهن ساوا سدا گلاب جا ۽ ڪڏهين اڇا موسمي ۽ پاڻ شاهيءَ جهڙي مصري، سا پڻ ڪڏهين ٽالهه جي سادي ۽ ڪڏهين سنگائڻ، آڻي گڏي گلقند جوڙين، سو گلقند، ڪن مرضن کي فائدو ڪري، ڪن کي نه؛ ۽ جي فائدو ڪري ته ٻه ٻت جي بيمارين کي، نه دل جي مرضن کي؛ پر جيڪڏهن ڪو کهڙو ڪائي ته موڙکو دست وڏائي زيان ڪري، تڏهين ٻڻ سنڌ ۾ خريدار گهٽا؛ ۽ مون وڏن بزرگن ڪاملن جي فرمايلن

SOORIH SINDHI ADAB

نصيحتن جا گل ۽ مسلڪ جي چڱن اصطلاحي اکرن
جو مثال ڪڍي، هي گلقند جوڙيو آهي، جو دل جي
مرضن لاءِ وڏي فائدي وارو آهي؛ ۽ جيئن ڪو گهڻو
کائي، يعني پڙهيس، تيئن گهڻو فائدو پائي- تنهنڪري
پائنيان ٿو تہ اهڙي گڻڪاري گلقند جا گراهڪ چو
نہ ٿيندا؟ بلڪ اميد اٿم تہ پڙهڻ وارا صاحب گهڻي
شوق سان سندس سواد وٺندا، ۽ مون مسڪين اڄاڻ
تي مهربانيءَ جي نظر فرمائيندا.

ڏڻيءَ جي مهربانيءَ سان پورو ٿيو ڪتاب "قند"،
جوڙيل ۽ تڪميل ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي، وڪيل
حيدرآباد سنڌ جو.

تاريخ ٧-سانوڻ ١٩٢٨ع : ٢٦-جولاءِ ١٨٧١ع

بيت

رويت چو گل لبت چو قند است،
رخت چون گل لب تو همچو قند است؛
گلقند علاج دردمند است،
عجب گلقند بهر دردمند است:
رخت را گل لبت را قند گويم،
چرا گلقند بهر درد جويم؟

بيت سنڌي

گل تنهنجي کي گل چوان، چپ تنهنجي کي قند؛
دردمندن جي دل کي گڏي هي گلقند-
ان گڏيءَ گلقند کي پاٿون ڪندا پسند،
آهيان آسروند 'ڪيولرام' ڪريم جو!

SOORIH SINDHI ADAB

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوپار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488